


# حسرتون قيد ۾ آهن

شاعري

اياز لطيف دايو

ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي
2021

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران خوبصورت شاعر ۽ تخليقڪار **اياز لطيف دايو** جي شاعريءَ جو مجموعو ”**حسرتون قيد ۾ آهن**“ اوهان اڳيان حاضر آهي.
اياز لطيف دايي جي شاعريءَ جا موضوع دل جي داخلي ڪيفيتن سان گڏوگڏ، سماجي (خارجي) دل خراش موضوع پڻ آهن سندس هن مجموعي ۾ گهڻي قدر غزل شامل آهن اياز دايي جي اظهار ۾ مصنوعيت ڪونهي، قدرتي رواني سان مالامال سندس شعر ردم سان پرپور ڪيفيتن سان سرشار آهي،
هي ڪتاب 2021ع ۾ ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران ڇپايو ويو، جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي اياز لطيف دايي جي تورن سان پيش ڪجي ٿي

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

**سپ حق ۽ واسطا محفوظ**

**ڪتاب:** حسرتون قيد ۾ آهن
**ليکڪ:** اياز لطيف دايو
**موضوع:** شاعري
**ڇاپو پهريون:** آگسٽ 2021
**ڇپيندڙ:** ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي
**قيمت:** 200 روپيه

**ماهوار سنڌي ريڪائون ڪراچي**
**ڏٽي بخش خاصخيلي ڳوٺ**
**پٺائي آباد ڪراچي**
**03337551931**
**rehmatpirzado@yahoo.com**

## ارپنا

پنهنجي جيون جون سڀ گهڙيون، روح ۾ رم جهم ڪندڙ ڀاءُ
**رياض شاهد دايي،**
حوصلن جي هماليا جبل، ڏک سک جي ساٿي ڀاڻيجي
**رئوف پارس دايي،**
ستارن جهڙي سندرتا ڏيندڙ، اتساهه جي اپ جي چمڪندڙ چنڊ،
شعوري مشعل هٿ ۾ ڏيندڙ **فيض سومري،**
منهنجي هر وک کي سجايو ڪندڙ، ادبي ڦلواڙي جي مالهي سائين
**سرور سيف،**
مرڪ جي ڪارونجهر ۾ قيدي ٻٽيل، ساس سنڌ جي سرواڻ ماسات
**پريل دايي،**
محبتن جي مهڪندڙ رابيل **مشتاق ڦل،**
منهنجي جيون کي هر حال ۾ قبوليندڙ، منهنجي جيون ساٿياڻي
**زڪيه اياز،**
پنهنجي موتين جهڙي پياري اولاد،
**سهيل، ذوهيب، شعيب، پارس اياز،**
پنهنجي مٺن ڀائرن **محمد نواز، فياض احمد** ۽ گهر جي سمورن ڀاتين،
۽ روح جي ڳلين جي رمتو جوڳي، رات جي راڻيءَ جهڙي شاعر
**رحمت پيرزادي،** سونهن ۽ سادگي جي مسافر **جميل سومري،**
۽ انهن سڀني محبوب ساٿين جي نانءَ، جيڪي مون جهڙي شخص کي،
محبتن جي لائق سمجهن ٿا، انهن کي به ڪيئن وساري سگهندس،
جن نفرتن جي ٽياس تي ٽنگي، جيئڻ جو ۽ اڳتي وڌڻ جو،
هميشه هڪ نئون حوصلو ڏنو آهي!!

**اياز لطيف دايو**
رحموالي-گهوٽڪي





## سٽاءُ

اداري پاران................................رحمت پيرزادو 05
نفرتون شل ناس ٿين.................... مشتاق ڦُل 07
منهنجي سفر جو ساٿي.................... پريل دايو 09
اجرڪن جا عَلم (مهاڳ).............جميل سومرو 11
پنهنجي پاران...........................اياز لطيف دايو 15

حسرتون قيد ۾ آهن............................................ 19

## اداري پاران

ريڪائون پبليڪيشن جو اهو ڀاڳ آهي تہ اسان کي ڪجھ اهڙا ڪتاب مليا جيڪي ليکڪ جا پهريان ڪتاب هئا. ڪنهن بہ ليکڪ جو پهريون ڪتاب ڏاڍو اهم هوندو آهي. سنڌ جي سهڻي شاعر اياز لطيف دايو جو هي پهريون شاعريءَ جو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. اياز لطيف گهڻي وقت کان لکندڙ سنڌ جو پلوڙ شاعر آهي. خاص طور فيس بُڪ جي وال تان سندس شاعري ڪثرت ۾ پڙهندڙن کي ملي ٿي. سندس لفظن ۾ پويل درد ۽ ماروئڙن جي محبت سنڌ جي چاليھ سالا سماج جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ جتي تڪليفون آهن اتي ڪاميابيون بہ آهن ۽ آئون ڪيس سنڌ تائين بہ محدود ڇو ڪيان، پاڻ عالمي نبض شناس ليکڪ ۽ متحرڪ ڪالم نگار آهي، عالمي سياسي منظرنامي تي سندس خاص نظر آهي. جنهن جو اثر يقينن سندس شاعريءَ ۾ بہ موجود آهي.

سندس شاعريءَ جا موضوع دل جي داخلي ڪيفيتن سان گڏوگڏ، سماجي (خارجي) دل خراش موضوع پڻ آهن. هن ڪتاب ۾ مڪمل غزل آهن، هاڻ سنڌي غزل مختلف پابندين کان گهڻو آزاد آهي. ان ۾ داخلي دل جا درد بہ آهن تہ عالمي سماجي موضوع پڻ اچي ويا آهن. هي غزل خاص محنت ۽ دل جي جذبي تحت سرجيل آهن. اڄ جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري پڻ آهي جيڪا اياز لطيف دايي وٽ بہ گهڻي ملي ٿي. خاص طور هن ڪتاب کي مون ويجهو کان پڙهيو ۽ شدمد سان محسوس ڪيو آهي، جنهن ڪري سندس محنت کي داد ڏيڻ کان رهي نہ ٿو سگهان.





اها راءِ آئون ضرور ڏيندس تہ ڪنهن بہ شاعريءَ کي سولو نہ سمجهيو وڃي. ان جي نفاست، ان جو بيان ۽ ان جي اُٽت هڪ وڏو ڪٿن پورهيو آهي. ڀلي تہ اياز لطيف دايو تمام تيزيءَ سان شاعري ڪندو هجي، پر پوءِ بہ هن 128 صفحن جي ڪتاب کي ٽن ڪلاڪن ۾ پڙهي ڪير بہ صحيح راءِ ڏئي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ هن ڪتاب تائين پهچڻ ڪاءِ قلمي پورهيو ڪندي اياز لطيف دايي کي ٽيھ چاليھ سال لڳا آهن. انهن ٽيهن سالن جي ڪم تي ٽن ڪلاڪن ۾ ڪتاب پڙهي راءِ ڏبي تہ اهو انصاف نہ ٿيندو.

اسان ادب ۾ تڪڙي راءِ ڏيڻ جي ڪري گهڻو نقصان ڪيو آهي. هي ڪتاب مختلف وقتن تي، مختلف موسمن ۾، مختلف ڪيفيتن سان محسوس ڪرڻ کان پوءِ لکيو ويو آهي، ۽ مختلف وقتن تي، مختلف موسمن ۾، مختلف ڪيفيتن سان اوهان ان کي محسوس ڪندا (پڙهندا) تہ هي ڪتاب اوهان تي نوان انڪشاف جا دروازا کوليندو. خاص طور سندس غزل جي بند جي ”پهرين سٹ“ تمام گهڻي ڳوڙهي، بي ساختہ ۽ دل مان ڦٽندڙ آهي.

انهن سڀني دوستن کي هن ڪتاب جون مبارڪون هجن جن دل جي گهراين سان هن ڪتاب تي لکيو آهي، هن ڪتاب لاءِ عملي ڪم ڪيو آهي ۽ هن ڪتاب لاءِ انتظار ڪيو آهي. خاص طور تي سائين رياض شاهد دايو کي مبارڪون ۽ خود اياز لطيف دايي کي بہ لکين مبارڪون ڏيندس ۽ سڄي سنڌ کي هڪ نئين ڪتاب جي آجيان ڪندي مبارڪ باد ڏيان ٿو.

رحمت پيرزادو

## نفرتن جون سڀ نديون شل ناس ٿين،
## مرڪ جا موتي ڳٽي ٿو راهہ ۾!

شاعري محبت جي معراج وانگر ٿيندي آهي نفرتن کان ڪوهين ڏور، درد جي آنگاس تي چڙهي بہ پيار جو گيت ڳائيندڙ ماڻهو ڪيترا نہ اهم ۽ انمول ٿين ٿا. اياز لطيف جي غزل جي هن بند کي پڙهي گهڙي پل لاءِ ايئن محسوس ٿيو تہ فن سان ئي محبتن جا موتي ميڙي سگهجن ٿا.نفرتن کي ختم ڪرڻ لاءِ نہ بم جي ضرورت آهي نہ بندوق جي ضرورت آهي! نہ هٿيار جي ضرورت آهي نہ ٻئي ڪنهن هيلي ڪاپٽر جي!

آرٽ کي هٿي ڏئي خيالن جا هھڙا پکي جيڪڏهن صبح جو روز اڏارجن تہ ڪائنات جو حسن ويتر وڌندڙ ۽ دلربا ٿي پوي!

مون سان سنگت جي سفر ۾ ڪيترائي محبوب ماڻهو مليا جن مون کي يا مون کين ٿورڙي دير بعد ويجهڙو پاتو پر پوءِ اهڙا ويجهڙا ٿي وياسين جو خوشبو، هوا، روشني ۽ بادلن جيان هڪٻئي جي اندر جي حسناڪين ۾ نوان نوان رنگ پريندا رهياسين.

اياز لطيف کان رئوف پارس تائين منهنجي پيار جو سبب ذاتي نہ پر اجتماعي سوچ جو رد عمل ۽ لقاءُ چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. هي عجيب شخص آهن ڏک ۾ گڏ ويهڻ، مشڪل ۾ پاڪر پائي بار کڻڻ، سڏ ۾ سڏُ ڏيڻ کو ڪانئن سِکي.

گهوٽڪي جي گهٽين ۾ مون کي وٺي تہ سڪندر اوڳاهي آيو پوءِ اڳتي هلي عبدالحئي پٽي هٿ پڪڙيو ۽ پوءِ وري الهورايي بوزدار ۽ راحب ملاڻي جي محبت ۽ رئوف پارس ۽ اياز جي پراعتماد ۽ باعمل رنگ ۾ سچ پچ منهنجو روح سدائين رقصان رهيو. هي وڏا پر وقار، بااعتماد ۽ غلطين جي نشاندهي ڪندي دوستي ۽ نظرين ۾ بلڪل چٽا ۽ اجرا شخص آهن جن وٽان سليقي ۽ وقار ۽ قومي مقصد ۾ انائن کي ماري وک وڌائڻ مون سکيو آهي.





اياز جي شاعري مون وٽ روز ايئن اڏري لهندي آهي جيئن اڳي محبوبا جو پيار مان پوسٽ ٿيل خط پهچندو هيو.مان سندس شاعري ۽ شاعراڻن احساسن کي پنهنجي من جي ڳالهہ ۽ ڳولا وانگر ڄاتو ۽ پاتو آهي. سندس شاعري جي فن تي ڳالهائڻ بدران مان اهو چوندس تہ اياز لطيف جي شاعري وطن جي واس ۽ عشق جي احساسن سان پرپور مٽي جي خوشبو وانگر آهي.

**مشتاق ڦل**
**فيض جو گهر ڪنب**

## منهنجي سفر جو ساٿي-
## اياز لطيف دايو

هي ۽ مان هڪ وجود جيان هڪ رهيا آهيون، اهو پتو نہ پئجي سگهيو آهي تہ هو منهنجو همزاد آهي يا مان هن جو. هن جي سوچ منهنجي سوچ، هن جي لوچ منهنجي لوچ، منهنجي واٽ هن جي واٽ ـوکون گڏ ئي گڏ ان طرح اڳتي وڌنديون پئي رهيون آهن جو ڪو وار بہ وٿي لکي نہ سگهي. ڪو دور هو موهن جي دڙي تي ويهي لکيوسين تہ تخليقن جي نکيڙ بہ نہ ٿي سگهي. ڪڏهن استاد بخاري سان اور تہ ڪڏهن ساقي ساڻ سفر ۾ گڏ گڏ رهياسين، ڪڏهن ٻاروتڻ کان ٻاهر ڦوهہ جواني ۾ تہ ڪڏهن اڌڙوٽ عمر ۾ شاهہ سائين جي ان بيت سان بہ پيٽا نہ ٿي سگهي تہ " هئا اڳيئي گڏ، ٻڌڻ ۾ بہ ٿيا" چو تہ اسين ڪڏهن ٻڌڻ ۾ بہ ٻہ نہ ٿي سگهيا آهيون، اسان جي وچ ۾ تون مان جو تصور اڀريو ئي ناهي.

اياز لطيف اديب بہ آهي تہ شاعر بہ، هو انهن ڪالم نگارن مان آهي جن جي لکڻي ۾ شاعري جهڙي رواني ۽ رڌم هجي ٿو ۽ نثري نظم جيان پڙهندڙ کي پاڻ ڏي ڇڪين ٿا. ٽيهارو سالن جي وڏيڪ عرصي کان نثر ۽ نظم لڳاتار لکندي هو ڪڏهن ڪٿي ٽڪجي نہ ٿو. بينڪ جهڙي اداري ۾ سانجهيءَ تائين سڪ هجڻ جي باوجود گهرو مامرن ۽ ذاتي اٿي ويٺي کي وقت بہ ڏئي ٿو تہ لکي بہ ٿو، سندس نثر ۾ ان ڪري بہ شايد وڏيڪ رس رچاءُ آهي جو هو بنيادي طور شاعر آهي ۽ ماضي ۾ سندس سڃاڻ صحافي واري مجيل مجايل حيثيت رهي، اڳ عوامي آواز ۽ هاٽي ڪوشش ۾ مستقل طور لکي ٿو. ترقي پسند سوچ رکندڙ هي ليکاري ماضيءَ جي سياست ۾ ڪاٻي ڌر سان سلهاڙيل رهيو ۽ ڪاٻي ڌر جي سياسي پيچ ڌاهہ ڪانپوءِ هن ڪا ساهي پٽڻ بدران پنهنجو پاڻ کي سماجي سرگرمين ۾ سميٽي ڇڏيو، سنڌي ادبي سنگت سان گڏوگڏ سگا





جي سٽ سان ڀرپور نموني نڀايو. اياز لطيف نظم ۾ مزاجي رمزن ۽ روين سان گڏ پنهنجي ديس ۽ ڌرتي ڌڻين سان ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ حق تلفين کي مزاحمتي انداز ۾ اظهارڻ جو پختو ڏانءُ رکي ٿو، سندس ذات خيال کي ڪمال جي وسعت عطا ڪري ٿي ۽ سندس قلم نثر ۾ بہ موضوع سان نڀاءُ رواني برقرار رکي ٿو. اهي سموريون خوبيون ۽ خصوصيتون اياز لطيف کي موجوده سماج منفرد انداز جي مهانتا بخشين ٿيون

پريل دايو
سيڪريٽري جنرل
س ا س

مهاڳ

## اجرڪن جا عَلم هُوهٽن ۾ ڏسو

**شاعري** ڪٿي سچائي جي ڳولا جو نالو آهي ته ڪٿي وري اخلاقي قدرن جو مجموعو، ڪٿي درس ته ڪٿي تفريح، ڪٿي جمالياتي وهڪ ته ڪٿي انقلابي نظريو، ڪٿي جنون ته ڪٿي اضطرابيت جو منظوم اظهار، ڪٿي شعر سازي ته ڪٿي شعر گوئي، ڪٿي مقصديت ۽ موضوعيت ته ڪٿي خيالن جي بي ساختگي، ڪٿي علامت نگاري ته ڪٿي فن براءِ فن، ڪٿي جذباتيت ته ڪٿي مدماتيت، ڪٿي رومانويت ته ڪٿي وري ان کان سخت بيزاري، ڪٿي مذهبي اثر ته ڪٿي فلسفياڻو غلبو. پر اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته شاعر ڪي دريافت وري به هڪ ڳالهائيندڙ ئي ڪري ٿو. ڪنهن وٽ رڳو موضوع جي اهميت ۽ اسلوب جو چرچو ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪنهن وٽ وري اخلاقي قدرن جي پرچار وارو اونهو ۽ گنڀير تصور رقص ڪندي ملندو. ڪنهن وٽ ادب ۽ شاعري منزل تائين رَسائي جو رستو ته ڪنهن وٽ سڌي سنئين منزل آهي. ڪو تخيل جي ظاهري حُسن تي اچي بيهي ٿو رهي ته ڪو وري ان جي فڪري گهرائين ۾ لُڙهي ٿو وڃي. ڪنهن وٽ اسلوب ئي سڀ ڪجهه آهي ته ڪو وري مواد کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو. بحرحال لکڻين کي اڻ ڳڻيا رخ هجن ٿا ان ڪري ان تي رايا به بيشمار لاڳو ٿي ٿا وڃن. انهن ۾ ڪي رايا حقيقت کي بلڪل ويجهو لڳڻ لڳن ٿا ته ڪي وري ان کان گهڻو ڏُور ۽ تضاد ڀريا هجن ٿا. هي هڪ ڪڏهن به نه رڪجندڙ سلسلو آهي جيڪو سدائين هلندو ٿو رهي. منهنجي آڏو هن وقت گهوٽڪي سان تعلق رکندڙ هڪ اهڙي ڪٽنب جي فرد جي شاعري جو مجموعو آهي جيڪو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي. هن ڪٽنب کي پنهنجو هڪ تاريخي پسمنظر آهي. ادب هجي، سياست هجي يا سماجي تحرڪ هجي يا وري ٻيا ڪي معروضي مسئلا هجن، هن خاندان جي فردن هر دؤر ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. رياض دايو کان وٺي اياز





لطيف دايو تائين، رؤف پارس کان وٺندي حفيظ دايو تائين هن ڪٽنب جا گهر ڀاتي ڪيترن ئي حوالن کان پنهنجي هڪ الڳ علمي، ادبي ۽ سياسي، سماجي سڃاڻپ رکن ٿا.

اياز لطيف جي هِن مجموعي "حسرتون قيد ۾ آهن" جو گهڻو ڀاڱو غزلن تي مشتمل آهي ۽ باقي سمورو حصو نظمن تي آڌاريل آهي.

اياز لطيف جي هر غزل ۾ بغاوت جو عَلم بلند ٿيل آهي، هن سڄي مجموعي ۾ ڪي ٿورا غزل اهڙا آهن جن ۾ معاشرتي تضاد کي ڇڏي نج رومانس جي ڳالهه ڪئي وئي آهي، باقي نه ته اياز لطيف جي هر غزل ۾ سماجياتي ٽاڃي پيٽي جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. ايئن به ناهي جو سندس شعر ذاتي جذبن ۽ احساسن کان وانجهيل رڳو اجتماعيت تي ئي آڌاريل آهن پر ان سان گڏوگڏ انفراديت تي پڻ وڏي خوبصورتي سان منظوم ٿيل ڏسجن ٿا. اياز لطيف جي اظهار ۾ مصنوعيت جو نالو نشان به ڪونهي، قدرتي رواني سان مالا مال اياز جا شعر رڌم سان ڀرپور ۽ ڪيفيتن سان سرشار آهن. سندس هر شعر جي فني توڙي تخيلاتي جڙت به پوري پني ۽ دل تي اثر ڇڏيندڙ آهي. هُو رڳو پنهنجي شاعري ۾ اِها ڳالهه نه ٿو ڪري ته:

تون ڀلي آزمائي اچا ڏِس ڪٽي،
ديس سان سوچ جو نِينهن لاٿو سدا.

پر سندس ماضي ۽ حال جي جستجو توڙي مستقبل جا ارادا ۽ عزم ان ڳالهه جا گواهه آهن ته اياز لطيف دايو اڄ به پنهنجي ڌرتي ۽ قوم سان ڪميٽيڊ آهي. وقت ۽ حالتن جي اٿل پٿل ان جي ماتر ڀوميءَ سان عشق ۾ ڪا به ڪَمي نه آڻي سگهي آهي. هُو اڄ به پنهنجي سوچ ۽ ڪردار ۾ پوري قوت ۽ جنون سان ديس سان گڏ ئي بيٺل آهي.

اياز لطيف دايو فعال ۽ متحرڪ زندگي ۾ ويساهه رکندڙ اُهو ليکڪ آهي جنهن ماٺ کي موت سمجهي سدائين پاڻ کي تحرڪ ۾ رکيو آهي، هُن ڪڏهن به پاڻ کي مايوسي يا نراسائي جي ور چڙهڻ ناهي ڏنو. مون سميت هُن جي دوستي جي وسيع حلقي ۾ ايندڙ سڀ باشعور ساٿي ان ڳالهه جا ساکي آهن ته هن جي چپن جي مرڪ ڪنهن اَچاتي انقلاب جو اهڃاڻ ئي رهي آهي تڏهن ته هُو اهڙي سِٽ سرجيندي نظر ٿو

اڇي ته:

"آهي روشن اجا روح ۾ ڪو ڏيئو"

اياز لطيف دايو سڄاڳي واري سلسلي جو اُهو تسلسل آهي جنهن ڪٿي به آڻ ناهي مڃي. سندس انقلاب ۾ ايمان واري پختگي ڪي ڪڏهن به ڪو گرهڻ ناهي لڳو. هُن وٽ اميدن ۽ امنگن جو نت نئون جهان آهي، جنهن ڪي پنهنجو جوڀن ۽ پنهنجو رنگ آهي، جنهن ڪي پنهنجا بنياد ۽ پنهنجي اؤسر آهي، جنهن ڪي پنهنجو هڪ الڳ ٽلڳ ديس ۽ ويس آهي. جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي روشن سج اڀرندا ٿا رهن. هيٺين سِٽ ان سڄي ماحول ۽ وايو منڊل جو ڪليل دليل آهي ته:

"اجرڪن جا عَلم هُو هٿن ۾ ڏِسو! "

ايئن اياز جي هن سموري شاعري جي مجموعي ۾ اڻ ڇهيا احساس هڪ ٻئي پُٺيان ۽ هڪ ٻئي مٿان سٽيا پيا آهن. هن جي مسلسل لکڻ جو سبب به هن جي اندر جي اڻ ٽڻ ۽ سماجي پيچ ڊاهه سان لاڳاپيل تفڪر ئي آهي جيڪو هن کي قلم رکڻ نه ٿو ڏئي.

جِيئن مون مٿي عرض ڪيو ته اياز لطيف پنهنجي لکڻين ۾ رڳو خارجي احساسن کي ئي جڳهه نه ٿو ڏي پر داخلي جذبن کي به ساڻ ڪٺي هلي ٿو ۽ داخلي جذبا به اهڙا جيڪي پنهنجي هيئيت ۽ سٽاءُ ۾ پڙهندڙ کي چرڪائي ٿا ڇڏن. جيئن هن غزل جي هيٺئين بند ۾ پنهنجي احساسن جو سگهارو اظهار ڪيو آهي، جيڪو اياز جي طبيعت ۽ انداز ۾ موجود فطري لاڙن ڏانهن وٺي ٿو وڃي، جيڪو اصل اياز سان ملائي ٿو، جيڪو اياز جي ترجيحات ۾ شامل رجحانن جي ڄاڻ ڏي ٿو، جيڪو اياز جي روح کي اُڪيلي جيئڻ جو تيئن اسان جي اڳيان اڇي رکي ٿو. جيڪو اياز جي لڳاءُ ۽ دلچسپين جي محور ۽ مرڪز جو پَتو ٻڌائي ٿو. هُو لکي ٿو ته:

سادگي جي بخملي هر ويس ۾،
ساعتن جي روپ وانگر ٿي لڳي.

هن شعر جي مواد جون گهرائيون به سادي پيرائي ۾ ئي لڪل آهن. طبعي مائل پٽي جي اعزازي هنڌ جي تعين ۽ پيٽ جي انداز هن شعر کي وڏي انفراديت بخشي آهي. اياز لطيف واقعي به پنهنجي ذاتي





زندگي ۾ بلڪل اهڙي ئي محسوسات ۽ نگاهه جو وارث رهيو آهي. سندس سوچ ۾ وڏ ماڻهائپ جي فقدان جو مان پاڻ اکين ڏٺو شاهد رهيو آهيان. هُو حقيقت پسند ۽ جيئن جو تيئن پاڻ کي پيش ڪندڙ هڪ اڻ وسرندڙ ڪلاسڪ شخصيت آهي. ٻن گهڙين جي ڪچهري ۾ سادگي جو سوين دنيائون اوتيندڙ هڪ سچو ۽ کرو انسان آهي. فطري ماحول کي اوليت ۾ ۽ پاڻ کي پوئتي رکي خالص پيار ۽ پاٻوهه کي هٿي ڏيندڙ دوست آهي. بحرحال اياز جي هن پهرين مجموعي ۾ ايترو ڪجهه موجود آهي جو ان تي تخيلاتي وسعتن ۾ لهي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. پر ديگهه جو نه هُو قائل آهي ۽ نه ئي مان. سو اياز لاءِ دعائون آهن ته هُو ٻين فرضن ۽ زميوارين سان گڏ ذات جي ڏيهه سان پڻ ايئن ئي نڀائيندو رهي جيئن هن "حسرتون قيد ۾ آهن" ۾ نڀايو آهي.

جميل سومرو
17 مئي 2021
ڏهرڪي.

## پنهنجي پاران (ليکڪ)

مونکي ڪائي خبر ناهي ته مان شاعري ڇو ٿو لکان،پر اها خبر ضرور آهي ته جڏهن اندر جي اڌمن کي اوتڻ جو ٻيو ڪو به ذريعو نہ هوندو آهي ته پوءِ بس لکي ڇڏيندو آهيان ۽ اها خبر نه هوندي آهي ته ڇا لکي رهيو آهيان، ڪهڙي صنف آهي، نثر آهي يا نظم، ڪالم آهي يا ڪهاڻي ۽ اهو سلسلو انهي وقت کان وٺي جاري آهي، جڏهن مون سيڪنڊري تعليم دوران ڊائري لکڻ شروع ڪئي هئي، انهيءَ ڊائري مون کي روز مرهہ جي بنيادن تي ڪجهه لکڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي،ڇاڪاڻ ته مون جنهن گهر ۾ اک کولي هئي، انهيءَ گهر ۾ ادبي ڪتابن جي موجودگيءَ جو ڀرپور فائدو ورتو ۽ اهي ادبي ڪتاب منهنجو وڏو ڀاءُ رياض شاهد دايو ۽ منهنجو ڀاڻيجو رئوف پارس دايو ڪٺي ايندا هئا، بعد ۾ انهن جي ادبي ۽ سياسي دوستن سان تعلق ٿيڻ جي ڪري بہ اهو شوق وڌندو رهيو، هڪڙي ڳالهه زندگي ۾ ضرور محسوس ٿي آهي ته جڏهن سڀ سهارا ڇڏي ويندا آهن ته پوءِ رڳو ڪتابن جو سهارو ئي اندر جي آٿتن کي پرهه جهڙا پل ڏيندو آهي، وري لکڻ جو عمل ته بهار جي موسمن وانگر من کي مدهوش ڪري ڇڏيندو آهي، ڇاڪاڻ ته لفظن ۾ هڪ اهڙي ڪشش آهي جيڪا حياتي جي رڻ ۾ چمر جي ڇانوَ وانگر آهي، تنهنڪري مون پنهنجي سيني نراساين، مايوسين ۽ اضطراب جي پناهه انهن ڪتابن ۾ ورتي آهي، جن ۾ منهنجون آشائون ستارن جي چادر وانگر محسوس ٿينديون آهن، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ٿڪاوٽ محسوس نه ڪئي آهي، پر روين جي ٿڪاوٽ ڪڏهن رڻ ۾ رولي ڇڏيندي آهي، مونکي سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته سماج ۾ اهو عمل ڇو آهي ته جنهن شخص کي اوهان روح سان چاهيو، زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي انهي شخص کي ڪو اڪيلائپ جو احساس ٿيڻ نہ ڏبو آهي ۽ اهو ئي شخص پٺي ۾ خنجر هڻي ڇڏيندو آهي، جيتوڻيڪ نہ ڄاڻ ڪيترائي انڄاتا خنجر انهي جي پٺي ۾ ڪتل هوندا آهن، انهي جي باوجود اهو درد اندر ۾ وڻ ويڙهي وانگر





وڪوڙي ويندو آهي، داخلي ۽ خارجي جذبن جو اهو ڪرب سماج ۾ عام آهي پر حساس ماڻهو کي انهي جي شدت وڌيڪ محسوس ٿيندي آهي، تنهنڪري روين جي رڃ، پيار جي ڏڪر، سماجي المين، انفرادي ۽ اجتماعي بيحسين کي ڏسندي مون لکڻ جي شروعات ڪئي هئي، انهيءَ اتساهه کي سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين وڌيڪ مدد ڪئي ۽ مان مسلسل لکندو رهيو آهيان پر الائي ڇو شهرت واري ڪريز کان ڪوهين دور رهيو آهيان، جنهن ڪري الائي ڪيترو نثر توڙي نظم ۾ لکيل مواد سنڀاري نہ سگهيم، جنهن جو بيحد افسوس اٿم، اگر انهن کي وقت سر ڇپرائيندو رهان ها ته اهو مواد محفوظ ٿي سگهيو پئي، پر روايتي سستي ۽ شهرت منهنجي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل رهيون، ٻيو وري سنڌي سماج ۾ ۽ خاص طور تي سنڌي اديبن ۾ اڻ سهپ جي روين جي ڪري ڪافي ليکڪ مايوس ٿي وڃن ٿا،اسان وٽ فتوا جون فيڪٽريون وک وک تي قائم آهن،فڪري ۽ فني ڪمزورين جون فتوائون، تخيل جي نہ هجڻ جون فتوائون، جدت جي نه هجڻ جون فتوائون، پرائي پنڌ تي هلڻ جون فتوائون ۽ ٻيون الائي ڪيتريون فتوائون پڻ گهٽن دوستن کي ادبي سفر جي ماڳ تي پهچڻ کان اڳ ئي ٿڪائي وجهن ٿيون، ڪو وڏو شاعر آهي، ڪو ننڍو ليکڪ آهي پر اهو ته تاريخ تعين ڪندي آهي، ڪنهن کي برادري مان ئي خارج ڪرڻ اهو ڪٿان جو انصاف آهي، اها ڪٿان جي ادبي آبياري آهي؟

بحرحال ڪوڙ ساريون ڳالهيون آهن، جيڪي منصفن جي ڪٺهڙي ۾ پيش ڪرڻ گهرجن پر انهن جي نشاندهي ڪرڻ سان وري ٻيون فتوائون شروع ٿي وينديون، تنهنڪري انهن کي اڪيلڻ مناسب ناهي، ائين ڪونهي ته سماج ۾ رڳو ادب جا اهڙا ارسطو ۽ افلاطون موجود آهن، جن جي منفي روين جي ڪري مايوسي جنم وٺي ٿي، پر اسانجي سماج ۾ ادبي اتساهه جا آسمان به آهن، جيڪي وک وک تي حوصلن جي لاءِ هماليا جبل هوندا آهن، جنهن ڪري ئي سماج جو هاڪاري سفر جاري آهي، منهنجي ادبي سفر ۾ فيض سومري، نعيم شيخ ۽ ٻين کان علاوهہ منهنجي ڀاءُ رياض شاهد دايي ۽ رئوف پارس دايي شروع کان وٺي همت افزائي ڪئي، منهنجي شاعري جو هي پهريون ڪتاب حسرتون قيد ۾

آهن به شايد نه ڇپجي سگهي ها، جيڪڏهن پنهنجي پياري ياءُ رياض ۽ سنڌ جي نهايت ئي خوبصورت شاعر رحمت پيرزادي جو سنڌو جي سونهن جيڏو پيار شامل نه هجي ها،منهنجي ڪالمن جو ڪتاب آڌو ٽڪر ٽر به نئون نياپو پبليڪيشن پاران اشاعت جي آخري مرحلي ۾ آهي، هن ڪتاب ۾ پنهنجو ٽڙيل، پکڙيل مواد شامل ڪيو اٿم،باقي رهيل شاعري کي به ترتيب ڏيان پيو، جنهن کي مڪمل نموني سهيڙي شايع ڪرائيندس، هن ڪتاب ۾ شامل شاعري کي اسانجي ڏهرڪي جي پرهه جي ٽڏڙي هير جهڙي شاعر، محبتن جي اٿاهه ساگر ۽ سندرتا جي اپ تي ستارن جيان جرڪندڙ جميل سومري منهنجي اپري سيري شاعري جو جائزو ورتو پر خوبصورت مهاڳ به لکي ڏنو، انهي کان علاوهه سنڌي ٻوليءَ جي فڪشن، تاريخ، تحقيق ۽ ادب جي آدرشي نانءَ سائين سرور سيف، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل، مٺڙي مرڪ جي محبوب شاعر ۽ ڏک سک جي ساٿي ڊاڪٽر مشتاق ڦل، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل روح کي ول جيان وڪوڙيندڙ ادب، صحافت ۽ پيار جي کيتر جي متحرڪ شخصيت ماسات پريل دايي جو به ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي قيمتي لمحن مان وقت ڪڍي ڪجهه لفظ لکي ڏنا، جيڪي منهنجي لاءِ قابل فخر سرمايو آهن،

انهي کان علاوهه به پنهنجي ادبي سفر جي سمورن ساٿين جو به شڪر گذار آهيان، جن سدائين مونکي محبتون ڏنيون آهن، پنهنجي سمورن گهر ڀاتين کي به جس آهي، جن هر وک تي همت افزائي ڪندي ساٿ ڏنو آهي، پروفيشنل زندگيءَ ۾ نيشنل بينڪ جي قابل احترام مقناطيسي شخصيت هيڊ آفيس ۾ هن وقت اهم رتبي تي فائز سائين رفيق احمد پرڳڙي جو احسانمند آهيان، جن هر وقت منهنجي ادبي سفر کي اتساهه بخشيو آهي، انهيءَ سان گڏ سائين گوبند رام ريجنل هيڊ ميرپور خاص، محترم محمد فاروق آرائين ريجنل هيڊ سکر جو به ٿورائتو آهيان،جيڪي منهنجا نه صرف مينيجر رهيا آهن پر انهن سدائين هر ڏک ۽ سک ۾ ساٿ ڏنو آهي، انهيءَ سان گڏ سکر جي بزنس چيف اورنگزيب منگي کي ڪيئن وساري سگهان ٿو، جنهن هر ڏينهن تي منهنجي شاعري جي منفرد نموني سان تعريف ڪئي آهي، لطيف





سائين جي شعر وانگر مون وٽ لفظ ئي ناهن جو سڀني ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جا ٿورا ڳائي سگهان، جيستائين زندگي جو سفر آهي، هي محبتن جو سلسلو جاري ۽ ساري رهندو.

ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ٽر جي واري ٿورڙي، تهان گهڻيرا،
ڀلائي ۽ ڀيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.

**اياز لطيف دايو**
رحموالي - گهوٽڪي

# حسرتون قيد ۾ آهن



## غزل

سونهن تي ايترو سڙين ڇو ٿو،
روز هيءَ گهاٽ تون گهڙين ڇو ٿو.

مون رڳو عشق جو علمُ آ کنيو،
ڪفر جون تهمتون مڙهين ڇو ٿو.

پيءُ ڪي گوليون هٽي پروڙ ڪري،
لوڪ سامهون ايئن رڙين ڇو ٿو.

قوم سان تون ڪري ڪلور وري،
ايتري هامَ پوءِ هٽين ڇو ٿو.

سادگيءَ جي غضب ستارن جيئن،
ايترو تون وري وٽين ڇو ٿو.

خوف جي عڪس ۾ حياتي آ،
موت جي رقص سان رڙهين ڇو ٿو.

شاعريءَ جو مها سمنڊ آهين،
ٻين تي ايڏا پٿر ڪٽين ڇو ٿو.

منزلون نيٺ اياز ايندين پوءِ،
لاٽ جي واٽ تان لڙين ڇو ٿو.





## غزل

ساٿ جون ساعتون،
راحتون، راحتون!

نقش تنهنجا پرين،
آيتون، آيتون!

حُسنَ جي سادگي،
چاهتون، چاهتون!

تيز اُسَ ۾ پرين،
ڇمر تون، ڇانوَ تون!

مرڪ تنهنجي مِٺي،
اندر جون آٿتون!

ديسَ سان ڪر وفا،
پوءِ آن ڀاءُ تون!

شالَ مرڪِي مران،
عام هِي دعوتون!

ڇو اياز آن اداس،
ڇيرِ ڇمڪاءِ تون!

## غزل

سونهن تنهنجي ڏسي مان پيو خوش ٿيان،
نيڻ تنهنجا پسي مان پَيو خوش ٿيان.

تولئه تحفو وٺي مان اچان ٿو پيو،
چنڊ سان گڏ اچي مان پَيو خوش ٿيان.

جي حُسن سان حسد تا ڪرن ساڙ مان،
حاسدن تي جلي مان پَيو خوش ٿيان.

موت جو ذائقو ڏس چکڻ کان اڳي،
نينهن سان اچ نچي مان پَيو خوش ٿيان.

پوپٽن جهڙي رنگَ جو پَسي پيار اچ،
مامَ ۾ ٿو مچي مان پَيو خوش ٿيان.

باک جي ساک جي اچ سهاري پرين!
رات ۾ مَن رچي مان پَيو خوش ٿيان.

موتِيي ۽ گلابن جان توکي ڏسِي،
سارَ سان اچ سچي، مان پَيو خوش ٿيان.

سپ ڪٺن مرحلا اي ايازَ طئي ڪري،
پيار ۾ پوءِ پچي مان پَيو خوش ٿيان.





## غزل

اگر تون چوين جي تہ توڏي اچ اچان مان،
پرين تو سوا ڪنهن پناهہ ۾ وڃان مان.

جي مسڪن نہ تو ڪو رهڻ لئه ملي پوءِ،
گلابي ڳلن تي پلا اچ رهان مان.

حياتيءَ جا لمحا سجايا وڃن تي،
اگر تنهنجي نيڻن- نگر تي لهان مان.

ڪڏهن تون نکارين جواني تو پنهنجي،
سجڻ چنڊ وانگر پلا ٿِي چوان مان.

انڌيرن جون آهن ديوارون فولادي،
امڙ سنڌ تو لئه بہ ڪيئين ڪُسان مان.

نماڻين نگاهن جا ڪارا ڪڪر هيءَ،
پري پاڻ پنهنجي ئي تر تي وسان مان.

پلي هو رسامي، پلي هو اڏامي،
رسامن جي مُند سان پلا چو رُسان مان.

بکن جي ڳلين ۾ اداسيون اڪيليون،
اِهي گهاوَ سپ جو اياز اچ سَهان مان.

## غزل

ڪا پهاڙن مان پيئي پَري تي سڏي،
نيڻ ناسي ڪٽي چوڪري تي سڏي.

چوڏسائن ۾ رم جهم جا گُل تا ٽڙن،
پشم جهڙي نرم پوپري تي سڏي.

عيد جي چندَ جان هُوءَ نهاري پيئي،
عشق جي ديس جي ڪا ڇَري تي سڏي.

مون ۾ مخمور نظرون سمائي سجيون،
ڪيڏو معصوم ٻڻجي وَري تي سڏي.

روڳ پرديس جو آ سفر ۾ مليو،
ميڻ وانگر سموري ڳري تي سڏي.

پيارَ هن جي جو ڪوئي پتو ئي نه آ،
ٻات ۾ لاٽ وانگر ٻَري تي سڏي.

ڇانوَ آهي ملي آس ڪي اُس ڪي،
سامهون وينگس جي پاڪر پَري تي سڏي.

من جي مندر ۾ پوڇا ڪئي اچ اياز،
پنهنجي ساهڙ کي سهڻي تَري تي سڏي.





## غزل

سارَ جي هڪ سرهاڻ آ تو ۾،
روح جي ڪا رهاڻ آ تو ۾.

پاڻ پونئرا مڙي اچن تا جو،
ڪائي خوشبوءَ جي کاڻ آ تو ۾.

مرڪ جا موتيا ٽڙي تا پون،
محبتن جي مٺاڻ آ تو ۾.

ڪالهه تو وٽ هيا ٽڪيل سپنا،
ساڀيا اڄ به پاڻ آ تو ۾.

درد جا ديپ تا اجهامي وڃن،
من جي پڄريل بـ ڇاڻ آ تو ۾.

روز نينهن تا تڪا تين ۾،
سونهن جي ڪا سراڻ آ تو ۾.

ديس جا سپ دلال ڇرڪن تا،
ڪانئرن لئه کهراڻ آ تو ۾.

پاڃهه ٿئي شل اياز تي ڪائي،
موج وندو مهراڻ آ تو ۾.

## غزل

رُت هي ڪهڙي آئي آ،
گهر گهر بُڪ جي وائي آ.

جهرمر جهرمر محل اوهان جا ،
تنهنجي اٽڪل ڪا ئي آ.

ڇو ٿو روڄن تي گهلين تون،
هوءَ به سنڌ جي ڄائي آ.

گهر گهر مان هن گهوٽ اُٿيا،
خون جي ميندي لائي آ.

بغض-نگر ۾ تنهنجو مسڪن،
تنهنجي سوچ ته ڇائي آ.

تو وٽ ڊسڪو ڊانس ۽ مون،
پٽ جي وائي ڳائي آ.





ٽورو ئي ويساهه ته ڪر،
باک جي ساک به جائي آ .

ڏاڍ ڏمر جو انت ٿيئي شل،
منهنجي سوچ به سائي آ.

هاڻ اياز به هيڪل هو پر،
هوءَ به مرڪي آئي آ.

## غزل

چئو ڏسا ماحول چو شمشان آ،
خوف جي رڻ ۾ رُليو جهان آ.

ڪيئن گهَرن ۾ قيد ٿي آهيون ويا،
ڪيترو بيوس بڻيو انسان آ.

گُل گُلابي لُڙڪ ٿا لاڙن پيا،
سونَ روپو ديس ئي سنسان آ.

نيٺ پونديون رات ۾ مُرڪون ٿڙي،
آس جي ڏيئن جو هي اعلان آ.

اڄ تہ ڳايون گيت ڌرتيءَ جا مٺا،
نا اُميدين سان وڙهڻ اعلان آ.

ٿو گسي ڪيڏيون خوشيون ڪائنات جون،
موت جو هي چو پلا دهمان آ.

درد آ ساڳيو اسان جي رُوح جو،
سنڌ وطن آ يا ڪٽي ووهان آ.

ايترو تون چو اياز آن روڳ ۾،
پرٿوي جو جيو هر مهان آ.





## غزل

پل ڪو هڪڙو پرين اڄ تہ مون ڏي ڏسو،
منهنجي نيڻن ڪي ڪائي تہ آٿت ڏيو.

چو ڪيان ياد مان چو پلا موت ڪي،
آهي روشن اجا رُوح ۾ ڪو ڏيئو.

تنهنجي آغوش ۾ عمر گُذري وڃي،
حسرتن جو اِهو گس وٽڻ آ لڳو.

ڏارَ توڪان هيم، مان جڏهن او پرين!
ڪو نہ هئو پوءِ پي هِن زماني سَٺو.

رنج، رُسامن جي آهي رسم هت هلي،
چو نہ ٿا رسم ان ڪي ختم سپ ڪيو.

ٿي هلي جنگ هرسُو رُسامن سندي،
گهاوَ معمول ۾ چو ٿا ايڏا ڏيو.

ڪيترا پي ڪيا آئون سجدا مگر،
تنهنجي سجدي ۾ سائين ثواب آ ٻيو.

موت جي واٽ ۾ هئو اڪيلو اياز،
ان لمحي مان بہ آخر بَري ٿي ويو.

## غزل

ثوابن جا ڪيئي خزانا ڪٺان ٿو،
جڏهن ٻہ سجڻ جي عبادت ڪيان ٿو.

پلي مون ڪي مقتل پُڄايو اوهان اڄ،
وطن جي سڳنڌ جا ترانا چوان ٿو.

وفائن، ادائن، صدائن سهاري،
تتل موسمون اڄ پرين سپ سهان ٿو.

اداسي اندر جي اجاري ٻہ وڃ تون!
اڪيلو اڪيلو پلا ڪيئن ٿهان ٿو.

سيئي اذيتون ڏس اندر ۾ لڪائي،
ڪلڻ جي اجائي رسم ۾ رهان ٿو.

جفائون، خطائون، سزائون سهي سپ،
وياڪل هوا سان اڏيو مان وڃان ٿو.





نماڻيون نهارون پرينءَ جون پسي اڄ،
انائن جي اپ تان لهي مان اچان ٿو.

جزيرو جهنم جو سنڌ کي ڏسي اڄ،
گسن تي مان گوندر جي گهمندو وڃان ٿو.

دکن جي دڳن تي اياز چو وڃي ٿي،
نديءَ جي ڪناري ڪنان اڄ پُڇان ٿو.

## غزل

رات جي پهرَن ۾ ها سپنا ستل،
ڪو ڇوي ٿو روح جا رستا ستل.

ڪاڪ محلن ۾ پيا مخمور ها،
ڪي وري فوٽ پاٿ تي سستا ستل.

لال جوڙي ۾ جواني قيد آ،
جهُور پوڙهي جا سيئي جذبا ستل.

ديس جون هي مارويون هن ٿياس تي،
نينهن جي هر پنڌ جا نغما ستل.

آءُ ڳڌجي ڪا ڏياتي ٻاريون،
ڪيتري هِن وقتَ ڪان اُڌما ستل.

هي رياست بيحسيءَ سان آ اڏيل،
هر قدم تي هن اياز صدما ستل.





## غزل

ڙيت ڪا اڄ نيايون نئين پاڻ ڪا،
جام جي جوت تون او پرين آڻ ڪا.

ڪا نہ تي اڄ سري، ياد جا گُل پري،
سانورا اڄ ڪٽي، ڪا گهڙي ساڻ ڪا.

تون جُڳن کان وني جهاڳيو جيئڙو،
ڪاڪ جي پوپري تون پلي ماڻ ڪا.

تون اگر روح ۾ تي رهين او مني!
ڏينهن آ مشعلون، رات سُرهاڻ ڪا.

پيرَ تنهنجا لتا منهنجي ويڙهي جڏهن،
تو رچي جڻ تہ خوشبوءِ سندي کاڻ ڪا.

آڳ جون آويون تي ٻريون ساڙ ۾،
لوڪ جِي اياز ڪي نہ هئي ڄاڻ ڪا.

## غزل

گيت جي ديپ جي روشني تي سڏي،
ماٺ کي مُرڪ جي زندگي تي سڏي.

مون جڏهن نيڻ کي تاسيارا ڏٺا،
روح کي ڪوڪ ڪا اجنبي تي سڏي.

هُو ڳلن جي مٿان چاندنيءَ کي ڏسي،
اوچتو سونهن جي سادگي تي سڏي.

ڪو اجارو ڪپر ڄڻ پُڇي ٿو پيو،
اڄ لبن کي اڃان تشنگي تي ڪپي.

رام سان گڏ رحيم ۽ پويتر فضا،
اڄ ڪليسا جي سا بندگي تي سڏي.

ڪنهن بسنت ۾ اياز جام ها ساريا،
ريت جي ميت سا مئڪشي تي سڏي.





## غزل

سادگيءَ جا سلسلا هن روح ۾،
قرب جا ڪي قافلا هن روح ۾.

ميڻ وانگر ٿي ڳري هي زندگي،
ديس جا تہ ولولا هن روح ۾.

مون ستارَن تي سدا ڪيو آ سفر،
نفرتن کان فاصلا هن روح ۾.

ساز جا تون سج اندر ۾ ٿو رکين،
چنڊ مون وٽ چلولا هن روح ۾.

هو ڪنئيين جان درد دل ۾ تا ڦُٽن،
مشعلن جا مشغلا هن روح ۾.

مون وکن تي هُو گلاب هن پوکيا،
ماڳ جا سڀ مرحلا هن روح ۾.

تون اڪيلو آن ڪٿي اڄ اي ايازَ!
هُو هماليا حوصلا هن روح ۾.

## غزل

درد ڪيئي اڄ ستل ھن ڳوڙھن ۾،
خواب سارا چو رُنل ھن ڳوڙھن ۾.

پارسائيءَ جا قند سڀ تون ڇڏي ڏي،
هُوندِيون ڪيئي مئل ھن ڳوڙھن ۾.

تون اجل جي ماڳ ڏي موٽي وڃين تو،
موت جا ٻي وس ازل ھن ڳوڙھن ۾.

رات جي رُڄ ۾ سسئي ڳولي پئي اڄ،
ڪي پنھل جا تہ جبل ھن ڳوڙھن ۾.

تون رڳو ئي روڄ ۾ نہ گھار هُو،
نيڻ منھنجا پي پنل ھن ڳوڙھن ۾.

مون ڏٺو هڪڙي اياز ڪي چاندنيءَ ۾،
هُو سفر جا تہ تڪل ھن ڳوڙھن ۾.





## غزل

سانوري سانوري پھر ۾ اڄ ڪٽي،
ڳالھ جي اڄ پرين ڳھر ۾ اڄ ڪٽي.

ساڙ جون سڀ ڳليون آڳ جي راھ ۾،
مُرڪ جي موتيي شھر ۾ اڄ ڪٽي.

مون ازل ڪان ڪتيو انتظارَن ۾ آ،
سار جي يار تون ٺھر ۾ اڄ ڪٽي.

ڪي رُساما اجان ياد ساڳا ڪري،
عاشقيءَ جي اجل قھر ۾ اڄ ڪٽي.

رقص جي موسمن ۾ نچي تو اياز،
ريشمي روح جي سحر ۾ اڄ ڪٽي.

## غزل

جڏهن ڪان اوهان سان اڙيا نيڻ آهن،
سموري سفر ۾ سڙيا نيڻ آهن.

وفا جا ستارا جڏهن ساڳيا هئا،
اچانڪ اجهاميل ٽڙيا نيڻ آهن.

ڳلن کي چپن جي ڪشش ڪا چڪي تي،
سدا جام سان چو ٽڙيا نيڻ آهن.

مٺي مُرڪ تي هو گلابي چمر ڏس،
سُهاني صبح تي مڙيا نيڻ آهن.

لڳي ٿي اڪيلي ندين جي مٿان ڪنهن،
سدائين اجارا گهڙيا نيڻ آهن.

اياز اڄ اُداسيون رجن ۾ رڙن ٿيون،
سڄڻ کي ڏسي جڻ ڪڙيا نيڻ آهن.





## غزل

قافلا جي سڏن، ديپ ٻاري هلون،
اڄ ڪيون سڀ وچن، ديپ ٻاري هلون.

ديس جون دلبريون روح ۾ هن ڳُتل،
ماڳ آ جي ڪٽن، ديپ ٻاري هلون.

اجرڪن جا عَلم هُو هٿن ۾ ڏسو،
ساڻ آهن ڪفن، ديپ ٻاري هلون.

هو ستارا اسان جي مٿان چانورا،
پاڻ چو بي وطن، ديپ ٻاري هلون.

دار تي ڪيترا گيت هن رقص ۾،
حوصلا تا وڏن، ديپ ٻاري هلون.

مشعلن جي انوکي عزم ساک سان،
هو اياز تا اچن، ديپ ٻاري هلون.

## غزل

نازبو نينهن سان سانوري ٿي اچي،
باک جهڙي اها بانوري ٿي اچي.

سار جون سڀ هوائون نچي اچ پيون،
سونهن جي ساز جي بانسري ٿي اچي.

رات کي مات جو موت ڏيئي کري،
هو سويرَن جيان ساجهري ٿي اچي.

کيرَ جون لوٿيون کو کٽي ٿو اچي،
ويهه تون يارَ اچ ٻاجهري ٿي اچي.

عاج جون چوڙيون ۽ گهگهي آ مٿي،
جڻ پهاڙين وچان ماٽري ٿي اچي.

چو اياز تون اجان سار جي چارَ ۾،
نيڻ جي نينڊ مان خاطري ٿي اچي.





## غزل

وفا جا جزيرا جلائڻ ڇڏي ڏي،
انائن جي اپ تي اڏامڻ ڇڏي ڏي.

سموري سفر جو رڳو تون لٽيرو،
پکين جي پرن کي ستائڻ ڇڏي ڏي.

اڙي او پنڊت! او ملان! پيٽ پاپي،
ڌرم جي سهاري ٻُهارڻ ڇڏي ڏي.

نئين روپ ۾ هو سدائين نيارا،
اجايو ستارا اُجهائڻ ڇڏي ڏي.

جتي روپلن جون اُڏارون پُکارون،
عزم کي نوان اچ جهُڪائڻ ڇڏي ڏي.

اهي ڏينهن سارا پويتر سجاڻان،
اڙي نيرَ کوڙا وهائڻ ڇڏي ڏي.

اسان جي رڳن ۾ سنڌو آ سمايل،
اياز سان اجايو اچارڻ ڇڏي ڏي.

## غزل

مون وفا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن،
تو جفا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن.

رات جي روشن ستارَن راز ها مون سان سليا،
ڪنهن سزا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن.

هي رواجن جي سراڻ تي نفرتن ڪي آزمائي،
اڄ خدا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن.

اڄ هوائون قيدخانن ۾ رکي جهومي پيو پر،
تون خطا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن.

مقتلن جي سيج تي مون درد سان تہ پيچ پاتا،
تون انا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن.

هو اياز ڪي چو صليب ڏي اڄ ڏکن تا پيا ۽
مون قضا جا ڪيترائي ڪي زمانا پوکيا هِن.





## غزل

راهہَ مون آهي وڃائي جهنگ ۾،
آءُ هيڪر او سهائي جهنگ ۾.

ماڻهپي ڪان آس آهي مون پَلي،
زندگي آ چو اجائي جهنگ ۾.

روز تنهنجا ويڻ ساري هان سُتو،
ريت ڪائي آ رهائي جهنگ ۾.

هر اڪيلائي اندر ۾ يار آ،
پاڻ تون ڏس بي وفائي جهنگ ۾.

روح جي سيني درن جو آ گهر،
ڪائناتن جي خدائي جهنگ ۾.

ٻاهران هو تا ڏسن مون ڪي اياز،
سونهن جي ڪائي سچائي جهنگ ۾.

## غزل

ڪنهن وڇايل ٻار وانگر زندگي،
ماستر جي مار وانگر زندگي.

درد جا ڪيئي ڪڪر برسي پيا،
ٻار وڇڙيل يار وانگر زندگي.

هُو اُداسين جا پکي تڪ تا پڇن،
وڻ جي هر هڪ ڏارَ وانگر زندگي.

رات ۾ جوين لُٽي تو ڪو جڏهن،
سوچيان تو گار وانگر زندگي.

شهر جي سنسان رستن جي مٿان،
تي لڳي هيءَ ٻارَ وانگر زندگي.

مفلسي جڻ هو پگهاري تو پيو،
اڄ اياز لوهار وانگر زندگي.





## غزل

اڙي موت توسان نيائڻ ڏکيو آ،
اندر جي ڏکن کي گهٽائڻ ڏکيو آ.

ازل کان اجايو اُجاڙين اسان کي،
لکي درد پنهنجو لڪائڻ ڏکيو آ.

حياتي سڄي واٽ ڏکندي رهي تي،
انهيءَ آڳ کي بس اجهائڻ ڏکيو آ.

ستارَن جون ولِيون وجودن ۾ آهن،
انهن کان اچانڪ ڇڏائڻ ڏکيو آ.

خزائون ڪفن سان لهن تيون پتر تي،
خوشين کي رُتن ۾ رهائڻ ڏکيو آ.

اڪيلا اياز اڄ وڃن تا تڪيرا،
پکين پيار جي سان اڏامڻ ڏکيو آ.

(سگا گهوٽڪيءَ جي نوجوان ساٿي سيد آفتاب شاهه جي دردناڪ وڇوڙي تي لکيل.)

## غزل

نيڻ تنهنجا مٺي ڳوڙهَن جي ڳلي،
نينهن جي هر ندي ڳوڙهن جي ڳلي.

موتين جا چمر رُوح تي ٽا وسن،
سونهن تي آ ڳُٽي ڳوڙهَن جي ڳلي.

رات جي روح کي درد ڏيئي ڪري،
باک وانگر ڦُٽي ڳوڙهَن جي ڳلي.

ڀاڱ جي رهزني جي مٿان لعنتون،
ڪنهن رسم تي ڪُٺي ڳوڙهَن جي ڳلي.

مرڪ جي سيج تي تون اچا آن ستل،
تنهنجي لئه اجنبي ڳوڙهَن جي ڳلي.

مون ازل کان وٺي درد کي پوکيو،
ڇو اياز اوپري ڳوڙهَن جي ڳلي.





## غزل

ڇانورَن کي تون ڳسي ڇا ڇا ڪندين؟
سوجهرَن کان اڄ ڳٽي ڇا ڇا ڪندين؟

سونهن جو سج مان اپاريان ٿو پيو،
ريت جون راتيون ڳٽي ڇا ڇا ڪندين؟

ديس ۾ تون درد جون نديون نہ ڏس،
درد جا گهرڙا ٻہ ٽي ڇا ڇا ڪندين؟

اڄ سموري سنڌ تنهنجي ڪَرب ۾،
گهوٽڪي، مڪلي، ٺٽي، ڇا ڇا ڪندين؟

سا گلابي مُرڪ مون سانڍي رَکي،
او پرين منهڙو مَٽي ڇا ڇا ڪندين؟

پَرَ تنهنجا سارا مروڙي ٽا سگهون،
باز وانگر تون جهَٽي ڇا ڇا ڪندين؟

هو اياز ڊنگر وري ميڙي پيو،
تون مَنَهن منهنجا پَٽي ڇا ڇا ڪندين؟

## غزل

حوصلن جي رُتن ۾ اڪيلو اجان،
گوندَرن جي گگن ۾ اڪيلو اجان.

تون جڏهن ڪان پري ساٿ آ ٽوڙيو،
پيار جي پرچمن ۾ اڪيلو اجان.

شهر جر شور ۾ زرد چهرا ٽِيا،
سانت جي فاصلن ۾ اڪيلو اجان.

نيڻ، ڳوڙها، ڳليون، رُج رستا سيئي،
مرڪ جي موسمن ۾ اڪيلو اجان.

سونهن ڪي تون سدا آڳ ۾ ساڙيو،
مان اياڳي وطن ۾ اڪيلو اجان.

تو سوا ڪا خوشي راس ناهي پرين!
هو اياز چو عدن ۾ اڪيلو اجان.





## غزل

روح ۾ رقص جون راحتون ڏي پرين!
ڪي ستارَن جيان آڌتون ڏي پرين!

سونهن سان پرڪ تون پيار جا پيچرا،
ساٿ سان سار جون ساعتون ڏي پرين!

ڪنهن اماوس رات ۾ هينئڙو تو لُڇي،
چانڊني چاهه جون چاهتون ڏي پرين!

نيڻ تنهنجا پڙهي نينهن ڪي تارِيان،
هن ستل ساهه ڪي آيتون ڏي پرين!

مون سدائين گلابن ڪي هو پوڇيو،
اڄ ڪٺي درد جون دعوتون ڏي پرين!

هي حياتي اياز تي نديءَ ۾ تري،
سانوري مُرڪ جي شام تون ڏي پرين!

## غزل

اسان آڳ ۾ ڀي پچڻ اچ سکون ٿا،
يزيدي ڏڙن سان وڙهڻ اچ سکون ٿا.

اسان جي هٿن ۾ شعوري ڏياٽيون،
ڪَندَن تي بہ مُرڪي هلڻ اچ سکون ٿا.

پرينءَ جا رُساما، پرهہ جون اُڏارون،
چاندني جي چڳن تي رهڻ اچ سکون ٿا.

جلين ٿو جُڳن کان اسان جي مٿان تون،
گلابي ڳلن تي لکڻ اچ سکون ٿا.

ازل کان بلاول، عنايت پکارون،
وطن جي مٿان سڀ مرڻ اچ سکون ٿا.

اياز تون اويرو سويرو پڇين ٿو،
صليبن تي سگهڙو چڙهڻ اچ سکون ٿا.





## غزل

ساڙ جي رات سان تون ڀلي هل پَيو،
ڀاڳ جي مات سان تون ڀلي هل پَيو.

مون ستارَن مٿان ڪي وکون هن ڪنيون،
بغض جي بات سان تون ڀلي هل پَيو.

سوڀ جي منزلن ڏي سدا ٿو وڌان،
ڪات جي تات سان تون ڀلي هل پَيو.

سج جا ترورا ڪائنات تي وسن،
ذات ۽ پات سان تون ڀلي هل پَيو.

سونهن جي سانورين ڏات مون کي ڏني،
ڪوڙ جي ڏات سان تون ڀلي هل پَيو.

هو پرم جي سچي ساٿ ۾ آ اياز،
سوچ جي ڪات سان تون ڀلي هل پَيو.

## غزل

راتڙي آ ٺري، او پرين آءُ تون!
باهڙي آ ٻري، او پرين آءُ تون!

تون اچين ٿي تہ پوءِ آس آ رقص ۾،
ياڳ جي آن پري، او پرين آءُ تون!

رات تنهنجي ڏسي ٿي پئي ڪالهہ ڪان،
ڪير ۽ تاهري، او پرين آءُ تون!

چو پلا تون غمن جي رُتن ۾ اچان،
سُور ويندا ٺري، او پرين آءُ تون!

سونهن جي رقص ۾ ساهہ پرجي نہ ٿو،
تون وري تون وري، او پرين آءُ تون!

ساهہ جو هي سڳو مون اڏارو وتو،
ساهہ جا سامري، او پرين آءُ تون!

مان اچوڪي مُندن جو ميهار آهيان،
تون اياز ڏي تري، او پرين آءُ تون!





## غزل

يار ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي،
سار ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي.

هو سڏن نهار جون نديون،
تار ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي.

مامتا جي پيار سان ڏس تون!
پار ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي.

مرڪ جا چڻ خمارَ تي اُٽي،
آر ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي.

سنڌ جي نانءُ تي وڏان تو مان،
دار ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي.

چانڊنيءَ سان اياز تو جهومي،
هار ۾ هي هڳاءُ ڪو آهي.

## غزل

پرت پنهنجي حياتيءَ ۾ ڏس ڪو پري،
زندگي ڪيئن تي ٻاٽ ۾ پوءِ ٻري!

تون جڏهن پيي گلابن متان تي هلين،
سونهن جي ناوَ ڪينجهر ۾ جڻ پئي تري.

اوچتو هڪ جهلڪ تي گلن جي ڏِسَي،
رات ساري اجان چاندني تي ٺري.

چاهه جي چنگ سان روز تو ساريان،
تو سوا او پرين ڪيئن هي ٿاٽو تري.

تو جڏهن پيي گلابن ڪي آهي ڪنيون،
ديس جي دانهن سان مامتا تي مري.

هو بغاوت جي پنڌ ڏي اياز تو وڏي،
جو وٽي تون سدا اچ پلي ڏس ڪري.





## غزل

مون جڏهن توکي سمايو ساهه ۾،
پاڻ کي تنهن پل رهايو چاهه ۾.

مون گذاريو خواهشن جي تياس تي،
أس ۾ سڏڙا ڪري ڪنهن راهه ۾.

ڪانئرن جو ڪاڪ جي پُرجي نه تو،
پوءِ ڪهڙو آ اثر ڪنهن آهه ۾.

خواب جي خوشبو جڏهن وڪري وجي،
هو سڙي تا پسم تين جڻ ٻاهه ۾.

رات کي مان روز تو ڪا مات ڏيان،
ڏات جرڪي جڻ پوي تي ڏاهه ۾.

اُت اماوس ۾ اياز اڳتي وڌئون،
روشني جون مشعلون هڪ شاهه ۾.

## غزل

موت جو سلسلو چو اجان خوف ۾،
مرڪ جو قافلو چو اجان خوف ۾.

تون گلابن جيان پاڻ کي سڏ پيو،
واس جو ولولو چو اجان خوف ۾.

چاندني چاهه جا گيت ڪي ٿي چئي،
ماٺ جو مرحلو چو اجان خوف ۾.

ديپ ڪو ٿو وسائي اجايو پرين!
آس جو مشغلو چو اجان خوف ۾.

اڄ پهاڙن مٿان ڪجهه وسِي ساٿ ڏيو،
سوچ جا بادلو چو اجان خوف ۾.

باک جي ساک سان هُو سڏي ٿو اياز،
پونءِ جا پرجهلو چو اجان خوف ۾.





## غزل

درد پنهنجا پرين اڄ وري ڏي ڪٽي،
تون پلي پاڪرن جي پري ڏي ڪٽي.

مان ازل کان اُجايل آهيان پيارَ جو،
مرڪ جا اڄ چمر تون ٽري ڏي ڪٽي.

رات ساري عبادت ڪيان ٿو تنهنجي،
اي خدا تون رڳو هڪ پري ڏي ڪٽي.

مان اڪيلو اُداسين سهاري جيئان!
چنڊ سان چاهتن جي چري ڏي ڪٽي.

اڄ گلابن جيان هي حياتي ٽڙي،
روح کي روز تون هڪ ذري ڏي ڪٽي.

هو ستارَن جيان بس ڏسي هڪ اياز،
ساهه کي ديد جي ڪا دري ڏي ڪٽي.

## غزل

موت جي مام ڪو تہ ڳولي ڏئي،
روح جو رام ڪو تہ ڳولي ڏئي.

ڪنهن نما شام جو جبل ۾ لڪيو،
نينهن جو نام ڪو تہ ڳولي ڏئي.

مون اڏورو رکي اکين ۾ ڏٺو،
هو بچيل جام ڪو تہ ڳولي ڏئي.

ديس جي دز رکي اکين تي وڏن،
ساهہ جو دام ڪو تہ ڳولي ڏئي.

ڪالهہ مون ڄام هو ڏٺو بند ۾،
اڄ اياز ڄام ڪو تہ ڳولي ڏئي.





## غزل

سوچ ڪي لوچ جي ڪاڻ تي ڪا ڪپي،
روح ڪي سونهن سُرهاڻ تي ڪا ڪپي.

سچ جو هُو سفر بس ويو تي ختم،
او مٿي موٽ لالاڻ تي ڪا ڪپي.

ساهہ ۾ سانديان مان اها سوڪڙي،
يار جي پار جي هاڻ تي ڪا ڪپي.

جا پرهہ جي وڳي ۾ ستارا سڏي،
رات پايل جيان ڄاڻ تي ڪا ڪپي.

اڄ نديءَ جي مٿان مرڪ تي ڄڻ تري،
سارَ جي سانوري ساڻ تي ڪا ڪپي.

تون ڀلي اڄ اياز ڪان پري وڃ پرين!
بس اکين ڪي تہ لالاڻ تي ڪا ڪپي.

## غزل

ترن جا بسيرا سدائين رهن ٿا،
اسان تي غمن جا چمر چو وسن ٿا.

پرينءَ کي جڏهن ڀر پري مان ڏسان ٿو،
وڇوڙا تہ ڪيئي جنم پيي وٺن ٿا.

اجان ڪيترا لُڙڪ مان ئي لڪايان،
سڄي لوڪ کان درد منهنجا پچن ٿا.

ڪٿي مسجدون ۽ ڪليسا پڪارن،
ڪٿي رام جا اڄ پجن هو سڏن ٿا.

زمانو تہ ساڳو لڳي ٿو هي پيارا!
رڳو بس اکين ۾ اُلا هُو ٻرَن ٿا.

اياز سان گُلن سوڳ ۾ هو گذاريو،
قبر تي ڏسو لُڙڪ ڪيئي ٽڙن ٿا.





## غزل

روز پئي ميڻ جان ٿي ڳري زندگي،
ٻاٽ ۾ لاٽ جان ٿي ٻري زندگي.

چاندني چاهہ ۾ بخملي ويس سان،
پونءِ تي پرت کي ٿي پري زندگي.

مامتا جون چميون ڪير تو اڄ ڪسي،
حسرتن ۾ اجان ٿي مري زندگي.

موت جا ناڪئا هڪ نئين روپ ۾،
پنهنجي ٻيڙين ۾ جڻ ٿي تري زندگي.

تو گلابن جيان واس مون کي ڏنو،
تو سوا سانوري ٿي پري زندگي.

رات جي هر ڏمر کي شڪستون ڏئي،
ٻاک جي ساک ڏي ٿي وري زندگي.

هو اڪيلو اياز ميڪشي جو چڏي،
سونهن سان ڪينچلون ٿي ڪري زندگي.

## غزل

پلي گهائي ڏسو، هن ديس جون، اجڙيل هوائون هن،
ترانن کان ڪڏهن پِي ڪو نہ مُڙنديون پر وفائون هن.

متان ڪانئر رهين ڪنهن وهم ۾، آمر ٻُڌي ڇڏ اڄ،
ڪٿي هن قوم لئہ ساڙي ڇڏينداسين، انائون هي.

اسان عيسيٰ کي جيون ۾، اُياريو عڪس جيئڻ آهي،
اسان مُرڪي سَتيون آهن، صليبن جون سزائون هي.

حياتيءَ جي، گهٽائن سان، پرين تي چانورا آهن،
سمورو لوڪ ڳائيندو، گلابن جون ڪٿائون هي.

اسان جي موسمن ۾ ڪي، نرالا گيت گونجن ٿا،
قبولي شل اُداسين جي رُتن جون ڪج ادائون هي.

جلڻ وارا رهن جلندا، اياز جي آشياني تي،
رڳو پنهنجي تہ آڳر ۾، اجان جهومن هُڳائون هي.





## غزل

لوڪ کان مان لڪي، نيڻ تنهنجا پڙهان،
دردَ پنهنجا لڪي نيڻ تنهنجا پڙهان.

روح جي رحل تي، آس جون آيتون،
سارَ کان اڄ سَڪي نيڻ تنهنجا پڙهان.

رات ڪاري پلي، روپ پنهنجا پَسي،
ديپ مان کي رکي، نيڻ تنهنجا پڙهان.

مون شوالي وٿان اڄ بہ توکي ڏٺو،
روشني سان رَچي، نيڻ تنهنجا پڙهان.

مون گهٽو ڳوليو پر ملين جي پرين!
پرهہ ۾ اڄ اڇي، نيڻ تنهنجا پڙهان.

ڳڙهَن جون رُتون هُو ڏسي تو اياز،
روز مان گهوٽڪي! نيڻ تنهنجا پڙهان.

## غزل

حسرتون قيد ٿي ويون آهن،
آٿتون قيد ٿي ويون آهن.

پرهہ جو هڪ طويل اوسيئڙو،
چاهتون قيد ٿي ويون آهن.

روح-رڻ ۾ اجاريون هرڻيون،
ساعتون قيد ٿي ويون آهن.

بس رڳو هڪ دفعو نهاري وڃ،
راحتون قيد ٿي ويون آهن.

نفرتن سان نڪاح ۾ تو وٽ،
آيتون قيد ٿي ويون آهن.

سمنڊ جون رونقون ستل آهن،
ڪشتيون قيد ٿي ويون آهن.

عشق کي تون اچي اُجار سکي،
محبتون قيد ٿي ويون آهن.

اڄ پرين اڄ اياز جي اپ تي،
تهمتون قيد ٿي ويون آهن.





## غزل

حياتي تنهنجا درد سڀ مان سهان ٿو،
جڏهن ٻہ پرين سان اڪيلو ملان ٿو.

ڪليسا گهرَن جون نهارون سڌن ٿيون،
ثوابن جي خاطر اوهان ڏي اچان ٿو.

اجان ساهہ ۾ سادگي جا ستارا،
اجان منزلُن کي اُجارو ڏسان ٿو.

ٿڪل نيڻ اڄ ساٿ کي سڏ ڪرن ٿا،
اُميدُن جي روشن وِڳن سان وڌان ٿو.

جنين جي سهاري هئاسين ڪٿي هِن!
چڱو دوست آئون ٻہ هاڻي وڃان ٿو.

نوان ساز آهن اياز جي اندر ۾،
رُڳو روح جي مشعلن سان ٻران ٿو.

## غزل

سُڏڪا سُڏڪا جيون پنهنجو،
اُڌڪا اُڌڪا جيون پنهنجو.

تون جي آڏو آهين مومل،
جهَلڪا جهَلڪا جيون پنهنجو.

جيجل ڳولي چوراهي تي،
ڦُلڪا ڦُلڪا جيون پنهنجو.

خالي خالي هوڪا آهن،
مَٽڪا مَٽڪا جيون پنهنجو.

تنهنجي مُک تي وحشت آهي،
ڦُٽڪا ڦُٽڪا جيون پنهنجو.

ڪيڏو يارَ اياز لڳي ٿو،
ڪٽڪا ڪٽڪا جيون پنهنجو.





## غزل

سپنن ۾ ڪي سارون آهن،
نيڻن ۾ ڪي سارون آهن.

مشعل مشعل مُرڪ گلابي،
اُڌمن ۾ ڪي سارون آهن.

توسان ڪهڙا ليکا جاني!
مُرڪن ۾ ڪي سارون آهن.

ساري سونهن لتاڙي آيم،
جنمن ۾ ڪي سارون آهن.

سنڌ کي سجدا چو نہ ڪيان مان،
چرنن ۾ ڪي سارون آهن.

خوشبو ڪيتر تنهنجي اڱڻ تي،
گُلڙن ۾ ڪي سارون آهن.

اجرڪ وانگر من آ تنهنجو،
روحن ۾ ڪي سارون آهن.

راتِ سموري توکي چاهيم،
من من ۾ کي سارون آهن.

توسان هٿ آ منهنجو هاٿي،
جذبن ۾ کي سارون آهن.

ماڙيءَ تي کو ڪانگ اچي ٿو،
وهمن ۾ کي سارون آهن.

گهر مان ڪنيجي خوشبو ويئي،
گهرڙن ۾ کي سارون آهن.

هاڻ اڪيلو گهايل گهايل،
درپن ۾ کي سارون آهن.

ڪيڏي وڻ وڻ ۾ وسواسي،
پن پن ۾ کي سارون آهن.

مورَن جهڙو ديسُ اياز،
بن بن ۾ کي سارون آهن.





## غزل

ڪوتا ڪي اڄ ڳائي ٿو ڪو،
نيٽن ۾ چڻ پائي ٿو ڪو.

خوابن ڪي چو مُرجهائي اڄ،
پٿرن سان پيو گهائي ٿو ڪو.

اُپ تان ڪنهن اُڇلايو آهي،
سيني سان بس لائي ٿو ڪو.

جيجل جي جهوليءَ جون آسون،
ڏائڻ جهڙو ڪائي ٿو ڪو.

پل تون ڪيس ٻہ ڪر او ڪانئر!
دودو جهوڏو ڄائي ٿو ڪو.

ڪنهن جو مُرڪڻ هيرَ ايازَ،
تيرنهن تالو تائي ٿو ڪو.

## غزل

رات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان،
بات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان.

ڪونجَ ڪي سارَ جي يارَ ڪا سوچ آ،
تات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان.

سچ جيئڻ باک کي ترورا ٿو ڏئي،
ڏات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان.

سونهن جي چندَ کي پوڇِيان ٿو پيو،
مات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان.

هِن گُلن جهڙي نياڻي ڪُٺي راڄ ۾،
ڪات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان.

روح کي اڄ رڳي آ ايازَ سوچيو،
لات جي درد تي ڇا لکي ڇا لکان.





## غزل

تون جڏهن جام اکرين مان آ هارِيو،
يار مون آب زم زم تڏهن سارِيو.

رات جي ويس ۾ جي اگر ڪو اچي،
نينهن جون مشعلون اڄ پيلا ٻارِيو.

ڪو نہ ٿا ناڳئا پاڻ ڏي جي اچن،
هُو ٻُڏل ٻيڙِيون سڀ پرين تارِيو.

هُو ستارا ڏسو سات ۾ ٿا نچن،
ديس جا درد ايئن گڏ ملي ٿارِيو.

ڪالهہ ڪان موڪلائي خوشيون سڀ ويون،
گوندَرَن جي اجان گهاٽ تي گهاريو.

لوڪ ساري ڏٺو ٿي اياز کي سدا،
موت کي اوچتو راهہ مان مارِيو.

## غزل

ساهہ کي هي وسام چا جي آ!
چاهہ کي هي وسام چا جي آ!

تون ڪٿي آن اجان پتو ناهي،
آهہ کي هي وسام چا جي آ!

ڪو پڇي ٿو پرين اسان ڪان ڇو،
باهہ کي هي وسام چا جي آ!

ڪيترو مون پُڪارِيو توکي،
ٿاهہ کي هي وسام چا جي آ!

هر انا جي سزا اجان ٿوري،
راهہ کي هي وسام چا جي آ!

هو اياز کي صليب ڏي ٿا سڏن،
ڏاهہ کي هي وسام چا جي آ!





## غزل

رات جي رُوپ کي مون تہ ڇاتو سدا،
تون غلاميءَ سندو طوق پاتو سدا.

يارَ جي سارَ ۾ گهاوَ ڪيئي مليا،
هر زخم ڏي اجان رُوح آتو سدا.

تو سوا هر خوشي آ هڪالي ڇڏي،
مون اُداسين سان جوڙيو تہ ناتو سدا.

تون پلي آزمائي اجان ڏس ڪٽي،
ديس سان سوچ جو نينهن لاتو سدا.

مون پُڪاريو جڏهن پيارُ آهي اُتم،
ٻول تنهنجو اڙي ڇڻ تہ ٻاتو سدا.

تون رڳو ئي اياز سان حسد ٿو ڪرين،
پاڻ وٽ آ ڱُليل سونهن ڪاتو سدا.

## غزل

منهنجي وڪريل وجود ۾ اچ تون!
يارَ اُلجهيل وجود ۾ اچ تون!

روشني جا ڏيئا جلائي ڪي،
رات زخميل وجود ۾ اچ تون!

هر نئين سال ۾ خوشيون آڻي،
پوءِ پٿڪيل وجود ۾ اچ تون!

آس جا ڪي نوان اڏي گهرڙا،
روح- رُليل وجود ۾ اچ تون!

مون ازل کان اُماس سان جهيڙيو،
جوت- جنميل وجود ۾ اچ تون!

اچ اچي تون اياز سان گڏجي،
ڪنهن نہ چچريل وجود ۾ اچ تون!





## غزل

رقص ۾ هن سڀ ستارا رات پر،
جام اوتي اچ پيارا رات پر.

چنڊ جو مُکڙو گهُري تو چاندني،
رنگ ڏي تون اچ اُڏارا رات پر.

ايترو جلدي وڃين تو سچ ڏي،
تون رهي ڏس اي سيارا رات پر.

مون ڏني آ مات ڏسندي رات کي،
نيڻ پوءِ يي چو اجارا رات پر.

يار توسان گڏ ڏکن کي پي سڏيم،
دُور مون کان سڀ سهارا رات پر.

عاشقيءَ سان نينهن لاتو آهہ اياز،
اچ پُڪارن تا ڪنارا رات پر.

## غزل

محبتن جي لاٽ ڪا مرڪي پئي،
روح ۾ اڄ رات ڪا مُرڪي پئي.

ڪائناتن جي پرين ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾،
سونهن جي هر بات ڪا مُرڪي پئي.

منزلُن جا خواب نيڻن ۾ رَڪي،
هر سفر جي تات ڪا مُرڪي پئي.

هن مٽيءَ جي ماڪ ۾ آهيان پنل،
سوچ جي پربات ڪا مرڪي پئي.

ڪنهن شوالي جي مٽر آ شانتي،
مُرڪ جي هوءَ ذات ڪا مرڪي پئي.

لفظ چانديءَ، سونَ روپا ۽ اياز،
سنڌ جهڙي ڏات ڪا مرڪي پئي.





## غزل

هٿ ترين ڪي چو ڏسين ٿو تون اويرو،
ياڳ ڪي پٽڪيل چوين ٿو تون اويرو.

هُوءَ هلي وئي ڪالهه ڪان راهون تڪيندي،
جهوپڙيءَ ۾ اڄ رهين ٿو تون اويرو.

ٻيرَ ٻاڙها چانگ نہ ايئن، چڏ ڪٽي تون،
سونهن تي يَرَ چو سَڙين ٿو تون اويرو.

ديس جي ڪائي سسئي ناهي سُڃن ۾،
چو لَڪن ۾ اڄ وڃين ٿو تون اويرو.

چير جو آواز ناهي چئوطرف چُپ،
نينهن جي گس تي نچين ٿو تون اويرو.

اڄ وَري جيوَن جي موسم پئي چٽي تي،
چو اياز ٻيهر رُسين ٿو تون اويرو.

## غزل

آگم آگم مُرڪَ تہ تنهنجي،
سرگم سرگم مُرڪ تہ تنهنجي.

نگري نگري ٽهڪ تہ تنهنجا،
ابهم ابهم مُرڪ تہ تنهنجي.

پايل پايل خوشبو خوشبو،
ڇم ڇم ڇم ڇم مُرڪ تہ تنهنجي.

سپنا سپنا جادو اکڙيون،
مرهم مرهم مُرڪ تہ تنهنجي.

بنجر بنجر سوچون لوچون،
برهم برهم مُرڪ تہ تنهنجي.

سنڌو جهڙي پاڪ پويتر،
زم زم زم زم مُرڪ تہ تنهنجي.

چوليون چوليون آهہ اياز،
دم دم دم دم مُرڪ تہ تنهنجي.





## غزل

لڪائڻ جي چاهين لڪائي نہ سگهندين،
اُداسيون پرين تون وِسائي نہ سگهندين.

جُدائيءَ جي موسم اُجاڙي رَکي ٿي،
انهن ئي مُنڌُن ۾ رهائي نہ سگهندين.

رڳو تون اندر ڪان پتو اچ پُڇي ڏي،
ستايل ڪي ايڏو ستائي نہ سگهندين.

ڳُلابن جون ننڊون اُٿيل جن ۾ آهن،
اُهي خواب منهنجا وِڃائي نہ سگهندين.

اگر مان نہ هوندس اڪيلو اُگهڻ لئہ،
اِهي لُڙڪ تون اچ وهائي نہ سگهندين.

سڄي رات جاڳي اياز جي جلايا،
اجان ديپ سارا اُجهائي نہ سگهندين.

## غزل

نئين سال ۾ ڪي نوان غم ڦُٽن ٿا،
ويا جي اُجهامي سي اُڌما اُٿن ٿا.

اجان پاڻ ڪي منزلون جهاڳِٽيون هِن،
سفر سي اڌورا ڪٿي اڄ ڳُٽن ٿا.

اجان رُوح پنهنجا چو باندي ٿيل هِن،
پڪي پيارَ جا اڄ وري ڪي پُڇن ٿا.

اسان جي رنگن ڪي ڦُري ٿا جَشن ڪن،
ڪٿي رنگَ پوپٽ ڪُڇن ٿا لُڇن ٿا.

رُڄن ڪي نيون رونقون پي ملن ٿيون،
پرين هِن نگر ۾ اجان پي رهن ٿا.

اجان باک تي آ بسيرو اياز،
سُهانا ستارا اسان ڏي اچن ٿا.





## غزل

لُڙڪ تنهنجا مليا اڄ جنم ڏينهن تي،
روحَ سان سانپيا اڄ جنم ڏينهن تي.

تون رهين ٿو اجان نفرتن جي نگر،
ڳُل مون چاهيا اڄ جنم ڏينهن تي.

مون ڪٿي هو چيو ٿا ستارا ڪپن،
ٺاهه تو ٺاهِيا اڄ جنم ڏينهن تي.

خواب منهنجا ڳُلن ۾ ٽڙن شال ڪي،
نيڻ هي راهِيا اڄ جنم ڏينهن تي.

مون ڳُلابي هٿن ڪي حنا ۾ ڏٺو،
ڳيچ ڪي ڳائِيا اڄ جنم ڏينهن تي.

تون ڏٺو آ اياز ڏي جڏهن مُرڪ سان،
ڪي چمر چانئيا اڄ جنم ڏينهن تي.

## غزل

نيهن جي هر ندي شال اُڪري وڃان،
تون هجين ساٿ ۾ پوءِ نڪري وڃان.

رات جي رُح ۾ جي پرين ناهين تون،
شام لڙندڙ جي هر واٽ وِسري وڃان.

تو سوا هي حياتي لڳي ٿي زهر،
هر قدم تي وري چو نہ وڪري وڃان.

قيد جي ڪال ڪوٺيءَ اچان آ سُتل،
اوچتو اوچتو آءُ اُڏري وڃان.

نفرتن جي انا ڪي پسم اڄ ڪري،
مرڪ جي آڇ آ تنهن تہ نگريءَ وڃان.

ٻيڪڙيل در اِهو ڇڏ تون ڪولي اياز،
دردَ جي رقص سان چو نہ نڪري وڃان.





## غزل

ڪٿان ڪان ڪٿان ڪا سَهائي ملي ٿي،
غمن ڪان اِجهو ڇڻ رهائي ملي ٿي.

اسان جي اندر ۾ وفا جا ستارا،
وفا ۾ جفا چو اجائي ملي ٿي.

جڏهن منزلُن ۾ ٿڪاوٽ ٿي نظري،
پنڌن ۾ اُجهاٽيل ڪچائي ملي ٿي.

اچان موت ڪي هُو شڪستون ڏين ٿا،
سزا جي سفر ۾ سچائي ملي ٿي.

اڪين ۾ جڏهن ڪي انائون ٻَرن ٿيون،
وِڱن ۾ سدائين مدائي ملي ٿي.

اياز ڪي اچي ڪو ٻُڏائي اِهو اڄ،
ٻُڏي، ٻارَ ۾ چو توائي ملي ٿي.

## غزل

ٿورڙو جي مان چپن کي کوليان،
سانت جي سيني کپن کي کوليان.

تنهنجو طلسم سامهون پورا ٿئي،
لوڪ آڏو جي ٿپن کي کوليان.

کير پي ٿا پاڻ کي ئي ڏنگ هٽن،
جي ڇٻي مان اڄ سپن کي کوليان.

ديس جي مهڪارَ ٿي جاڳي پوي،
ساٿ سان اڄ جي ڊپن کي کوليان.

روز ٿي رابيل جي خوشبو ٽڙي،
آس جي مان آجپن کي کوليان.

ساز جي هر ساهہ ۾ اڄ تون اياز،
سونهن جي سيني لپن کي کوليان.





## غزل

سوچ جو هي سفر آ ازل کان روان،
فطرتُن جو ٺڪر آ ازل کان روان.

چنڊ جي روشني آ لٽي مُرڪ ۾،
سونهن جو کو اثر آ ازل کان روان.

ڪاڪ ڪوڙا بہ هُو نيٺ ويندا پُري،
ڏيهہ تي چو ڏمر آ ازل کان روان.

مان اُجايل رهان ڪيترو او پرين!
چاهتن جو ابرُ آ ازل کان روان.

ڪنهن نئين روپ ۾ جستجو تو ڪري،
راهہ تي هي بشر آ ازل کان روان.

چنڊَ کي سج تو سونَ جو ٿال ڏي،
عشق جو ڏس مجرُ آ ازل کان روان.

رات جي سانت جان مان اجان آن سُتل،
هي اياز چو ڳهرُ آ ازل کان روان.

## غزل

رات ڪاري نيٺ آٿيندي سويرو،
سونهن ساري نيٺ آٿيندي سويرو.

قافلن سان گڏ هِي ٻرَندڙ مَشعلون سڀ،
يار ياري نيٺ آٿيندي سويرو.

هي ازل کان سلسلو آهي عمل ۾،
جنگ جاري نيٺ آٿيندي سويرو.

مون انڌيرن سان وڙهي آ اوچتو اڄ،
لاٽ ٻاري نيٺ آٿيندي سويرو.

اڄ غلامي جي ڪَڙن کي ڀڃِي پگهاري،
پونءِ ڀاري نيٺ آٿيندي سويرو.

عشق جي ويساهه جي آ هي اياز،
سوچ طاري نيٺ آٿيندي سويرو.





## غزل

پوپٽن جهڙا پيارا خواب منهنجا،
نيڻ ناسي ۾ نيارا خواب منهنجا.

ريشمي ڪنهن رُوپ ۾ توکي ڏٺو مون،
چڻ ته آهن ڪي ستارا خواب منهنجا.

ٽر جي ڪنهن موڪري چاتيءَ مٿان چڻ،
هُو ازل کان هِن اُجارا خواب منهنجا.

نيڻ تنهنجا راهه جون چڻ ڪي ڏياٽيون،
اڄ جيئڻ جا هِن سهارا خواب منهنجا.

مون رڳو ئي رقص تنهنجا سانپيا هِن،
محبتن جا ڪي مُنارا خواب منهنجا.

رات جي راڪاس سان جهيڙي اياز ٻه،
ڪي ڏٺا اڄ هو اُمارا خواب منهنجا.

## غزل

ساٽ جو ساز ساڳيو سڏي ٿو پيو،
روح ۾ چنڊ جيان ڪو رَچي ٿو پيو.

ميگهه ڦٽجي پرين ٿو وسي ساهه ۾،
موهه مان اوچتو جي اڇي ٿو پيو.

هُو اڪيلو گلابن جيان واس ٿي،
مون جان من جي بن ۾ نچي ٿو پيو.

لال ڳلڙن مٿان چاهه جي چاندني،
آڳ جو ولولو ٿي مچي ٿو پيو.

سادگي جا ستارا نڇاور ڪري،
پيارَ جي پوک ۾ ڪو پچي ٿو پيو.

جو اياز تون رڳو ڪي ڪرين ٿو سوالَ،
عشق ڪان ڪين ڪوئي بچي ٿو پيو.





## غزل

ستارو ستارو پرين روپ تنهنجو،
سهارو سهارو پرين روپ تنهنجو.

اسان جي اندر ٿيو ٿرن جو بسيرو،
اُجارو اُجارو پرين روپ تنهنجو.

ڪٿي ڪهڪشائون، ڪٿي هِن گهٽائون،
نظارو نظارو پرين روپ تنهنجو.

سڄي جڳ جهان ڪان الڳ هن ادائون،
پيارو پيارو پرين روپ تنهنجو.

نشيلو نشيلو خمارَن سان پريلُ،
نيارو نيارو پرين روپ تنهنجو.

اياز ڪي وٽن ٿيون ڳلن جون رُتون اڇ،
سيارو سيارو پرين روپ تنهنجو.

## غزل

لفظ سارا قيد ٻڌجي چو پيا؟
سُونهن چارا قيد ٻڌجي چو پيا؟

هي غلامي طوق جو ڪو روپ آ،
ٻيٽ ٻارا قيد ٻڌجي چو پيا؟

موت ڪي مون هارَ آ ڏيئي ڇڏي،
گيت نعرا قيد ٻڌجي چو پيا؟

مون اسيرَن ڪان پُڇڻ هو چاهِيو،
هُو ستارا قيد ٻڌجي چو پيا؟

پيار ڪي جڻ آ نظر ڪائي لڳي،
پوهه پارا قيد ٻڌجي چو پيا؟

هي سنڌوءَ جون ڇوليون ۽ اي اياز،
سڀ ڪنارا قيد ٻڌجي چو پيا؟





## غزل

أجايل أجايل صدائون اسان جون،
اوهان جي تڏي تي وفائون اسان جون.

پلي رات ڪي ڏينهن سدائين ڇئو تا،
سپيئي مجون تا خطائون اسان جون.

وفائن سهاري حياتي سموري،
رُجن ۾ رَڙن ٿيون جفائون اسان جون.

سدا پاڻ گهاٽن ۾ پيڙهيا وجون تا،
ازل ڪان اِهي ئي سَزائون اسان جون.

اوهان جي مِٺي مُرڪ آڏو پرين بس،
سدائين جهُڪيون هِن انائون اسان جون.

اياز چنڊ ڪان تا گهُرَن روشني جيئن،
ستارن جيان التجائون اسان جون.

## غزل

ڳوڙهن جي درد کي پائي چڏيم،
راز کي هر ساز ۾ ڳائي چڏيم.

عاشقيءَ کان اوپرو ڪيڏو هيس،
گهُورَ هڪڙي اڄ مِني گهائي چڏيم.

ديس جي ڳِيرُن کي جو ڪُسندو ڏٺم،
سو لڳن تي ئي لهُو لائي چڏيم.

قول جيڪي پاڻ ڪيا ها ساٿ جا،
هڪ اشاري سان سيئي ڍاهي چڏيم.

ڍنڍ جا ٻيئي ڪنارا تا لڳن،
نيڻ تنهنجا رُوحَ ۾ راهي چڏيم.

بس جڏهن کان ئي ڏٺو توکي اياز،
چنڊ تنهنجي چاندني چاهي چڏيم.





## غزل

سونهن تنهنجي ڪمال آ جانان،
چنڊَ جو ڪو مثال آ جانان.

تون جڏهن ساٿ ٿي وڃين ٿوڙي،
پوءِ لڳي ٿو زوال آ جانان.

تو سوا مان پلا رهي ٿو سگهان،
تون پُڇيو ڪو سوال آ جانان.

نيڻ تنهنجا ٿا ايئن لڳن مون کي،
ڪا قلندري ڌمال آ جانان.

ريشمي رات ۾ رڳو تون آن،
خواب تنهنجا، خيالُ آ جانان.

لال ڳلڙا ڏسي اِهو سوچيو،
جوت جو بس جمال آ جانان.

ساهه سان سو اياز هو سانڍيو،
جو ڏنو تو رومال آ جانان.

## غزل

اڙي ڏات مون کان رُسڻ تون ڇڏي ڏي،
انڌيرن- اگھڻ تي لهڻ تون ڇڏي ڏي.

اڃان درد جون کي کهاڻيون رهيل هِن،
اڃان موت ڏي اڄ اچڻ تون ڇڏي ڏي.

جتي نفرتُن جون کي بَڻِيون ٻَرَن ٿيون،
انهن ئي درن تي وڃڻ تون ڇڏي ڏي.

وري ياد جي آڳ ۾ تون وڃين ٿي،
رسيلن ڳلن تي رهڻ تون ڇڏي ڏي.

نمن جون نندون چو وساري آن ويٺو!
رڳو ڪاڪ ۾ پيي رهڻ تون ڇڏي ڏي.

رُجن کي ڏسي اڄ پَسي وٺ اياز تون،
شرابي نظر تي کسڻ تون ڇڏي ڏي.





## غزل

چاهتن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي،
آٿتن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي.

ڳوڙهَن جي ديس ۾ آ ڪربلا،
ساعتن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي.

دل چوي ٿي درد سارا مان کٽان،
آفتُن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي.

هي اُداسين جي گهڙي آ ڪا گهڙي،
راحتن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي.

ڪا پريتم ڪامنا اگهجي وئي،
آيتن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي.

هن سنيهن تي ستارن سان اياز،
دعوتُن کي چاندني ٿي اڄ سَڏي.

## غزل

ديس جا ڪيترا قافلا ٿا وڃن،
ماڳ جي هر طرف حوصلا ٿا وڃن.

آجپي، پيار جي پرچمن ساڻ هُو،
سُونهن جي ساز سان سلسلا ٿا وڃن.

موت کي مات جا هُو ڪفن ٿا ڏين،
مشعلون مشعلون مرحلا ٿا وڃن.

پيچرَن ۾ پلي خارَ جون هِن نديون،
پونءِ جون پينرون! پرجهلا ٿا وڃن.

آس جي پنڌ تي هُو ٿڪا ڪينَ هِن،
چاندني چاهہَ سان چلولا ٿا وڃن.

هُو ڪٿي هِن اڪيلا اياز باک ڏي،
آگرين جا گُلابي ڇلا ٿا وڃن.





## غزل

چنڊَ ۾ ڪالهہ هو يارَ کي مون ڏٺو،
سونهن جي پاڪُ ڪنهن پارَ کي مون ڏٺو.

ڪي پکين جا ولر ماڳ ڏي ها اُڏيا،
سونهن جي سيج تي سار کي مون ڏٺو.

مُرڪندي مُرڪندي ڏڳ ها هُو وڃيا،
ڪنهن نئين روپ ۾ دارَ کي مون ڏٺو.

پرت جا ڪي ستارا اکين ۾ کُتَل،
ڪونج جي پيار ۾ آر کي مون ڏٺو.

هوءَ اُتر جي هوا بي وفا ڪا نہ هئي،
هو وفا جي پُٺيان ڄارَ کي مون ڏٺو.

هو اڪيلو اياز ڇو رڻن ۾ رُليو،
جيت جي آڙ ۾ هارَ کي مون ڏٺو.

## غزل

وري ڪي ڏيئا اچ جلائي ڏسون ٿا،
وري سڀ ستارا ورائي ڏسون ٿا.

اگر تون اسان ڏي نهاري سگهين ٿي؟
صدائون اندر ۾ سمائي ڏسون ٿا.

جڏهن موت جي آرزو چيچ پڪڙي،
پرينءَ جي اکين ۾ وڃائي ڏسون ٿا.

گسن تي هزارين ستارا سڏن ٿا،
شعوري سفر ڪي مچائي ڏسون ٿا.

اياز پيار جو پيي اسان ڪي پتو آ،
اجايو اسان بس سمائي ڏسون ٿا.





## غزل

تو سوا هي اُجاڙ آ جيون،
ڇڻ سزا هي اجاڙ آ جيون.

دردُ ڪو روح ۾ لٿو آهي،
بيوفا هي اُجاڙ آ جيون.

روز جيجل جهُري پئي چو آهي،
هر ڪٿا هي اُجاڙ آ جيون.

ڳوٺ ۾ نفرتون وٽن وانگر،
چوڏسا هي اُجاڙ آ جيون.

موت جي رقص تي نچي تو هُو،
هر انا هي اُجاڙ آ جيون.

هُو اياز ڪي ٽياس تي ٽا ٽنگن،
ڪا خطا هي اُجاڙ آ جيون.

## غزل

وفا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون،
پِيا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون.

اسان ئي ٻلاول اسان ئي عنايت،
سزا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون.

پرين جي پروڪي سحر ۾ اجان پيي،
خطا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون.

سدائين چئو ٿا تہ پُوڇيون اوهان کي،
خدا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون.

اوهان جي درن جي وفا جا أجايل،
صدا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون.

اياز ڪي سڏن هُو گلابي نگاهون،
هوا جي سفر ۾ ٿڪا ڪينَ آهيون.





## غزل

ڪيترا خواب پرچمن ۾ لڪل،
اکڙين جا آب پرچمن ۾ لڪل.

مورَ منهنجي ديس جا قيد تو ڪيا،
هو غصن جا تاب پرچمن ۾ لڪل.

چو اجايو تو گناهن کي سڏين،
سوچ جا سي ثواب پرچمن ۾ لڪل.

هُو قلم پنهنجي لهوءَ ۾ ٻوڙن ٿا،
مورخن جا باب پرچمن ۾ لڪل.

ڪي ڪفر جا ڪي بغاوتن جا وري،
تو ڏنا سي خطاب پرچمن ۾ لڪل.

آجپي جا ڪي اياز سُر ڇيڙيا،
روح جا تہ رُباب پرچمن ۾ لڪل.

## غزل

هو چمين جي چاندني ڏيئي وئي،
روح کي ڇڻ روشني ڏيئي وئي.

موت جي تون واٽ ۾ ڇو آن سُتل،
امرتن جهڙي حياتي ڏيئي وئي.

مون جڏهن پيي خواب ها کي سارِيا،
باک جهڙي بندگي ڏيئي وئي.

اڄ گلابن کي نراسين ۾ ڏسي،
واس جي هر تازگي ڏيئي وئي.

رات ساري چاهہَ ۾ چپ چوسِيا،
موهہ جي هوءَ ميڪشي ڏيئي وئي.

جا بہ گذري تو سڦل ڇڻ آهي ڪئي،
شاهہ جي بس شاعري ڏيئي وئي.

ڇو اياز تون اڄ اڪيلو آن اُداس،
ڪا مِٺي آ سوڪڙي ڏيئي وئي.





## غزل

تون جڏهن مُرڪي نهارين ٿي مٺي،
چنڊَ کي پيي تون بيهارين ٿي مٺي.

اڄ ڳلن تي لال ڳلڙا تون رکي،
درد منهنجا سپ ڀُهارين ٿي مٺي.

سونهن جي تون ئي ستارن سان سدا،
آسمان کي پيي اجارين ٿي مٺي.

خوشنصيبي مون مٿان جهومي پئي،
اکڙين ۾ ڪيئن ويهارين ٿي مٺي.

زُلف پنهنجا تون ڇنڊي ٿي جيئن وڃين،
ڪيترا پوءِ سج اپارين ٿي مٺي.

ڪنهن اجاتي راهہ ۾ آهي اياز
هر ندي مان تون اُڪارين ٿي مٺي.

## غزل

پرين جي ڳلن تي تہ ٻاڪون ڦٽن ٿيون،
اماسن ۾ ڪي مشعلون اڄ ٻرن ٿيون.

اڙي سنڌ! توسان ازل کان سياپا،
اسان جي اندر ۾ اُماڙيون اُٿن ٿيون.

جڏهن پي جفا جي جزيرَن پُڪاريو،
اچانڪ رُسي سڀ وفائون وڃن ٿيون.

ڏسو ڏاڍ جا سي ڪڪر اڄ لهن پيا،
ڏسو ماڳ ڏي ڪي تہ ڪونجون ورن ٿيون.

جڏهن پي ڳلين ۾ قدم تي گهُمائي،
رُتون سڀ اسان وٽ رهي پو پون ٿيون.

سدا جام جي تي اُها شام جرڪي،
اڪيليون ادائون جدا پي نچن ٿيون.





## غزل

درد وارو قصو ڪپي مون ڪي،
ڪَرب جو ڪو حصو ڪپي مون ڪي.

هر دغا ڪي ڏنو ٺڪي توري،
دوست دلبر سچو ڪپي مون ڪي.

هارَ ڏي اڄ اُماس ڪي جيڪو،
آس جو ديپ ٿو ڪپي مون ڪي.

روحَ ۾ روشني جتان اُيري،
سونَ جهڙو سڳو ڪپي مون ڪي.

اُس ۾ بيهي ٺڪِي پَيو آهيان،
اڪڙين جو اُجهو ڪپي مون ڪي.

جو سدائين اياز ئي پاتو،
تو سبيو سو وڳو ڪپي مون ڪي.

## غزل

اڇي پيو اڇي پيـو سـويرو سـويرو،
وڄي پيو وڄي پيـو انـڌيرو انـڌيرو.

اسان جي اندر ۾ پري جون نگاهون،
ستارن تي پنهنجـو بسيـرو بسيـرو.

اُماسن سهاري هلـيـن ٿـو پيـو تـون،
اُمـيـدُن جـو اُڀ آ وڏيـرو وڏيـرو.

پٽون پير پنهنجا اکيـن ۾ ڏياٽيـون،
اسان جـو سـفـر آ تـکيـرو تـکيـرو.

نئين عزم سان اڄ اسان پيٖ وڌون ٿا،
ڏسـيـن ٿـو اجـايـو ڏکـيـرو ڏکـيـرو.

اجان ديس جي عشق ۾ آ اياز هل،
پـلـي پـنـڌ کـيـڏو پـريـرو پـريـرو.





## غزل

جڏهن تو ڏانهن نـهاريـو آ،
اُداسيـن کـي وسـاريـو آ.

پـرهـ جا نـيـڻ جاڳن ٿـا،
پٽڻ تان کنهن پُـکـاريـو آ.

گـلابـن جـي وجـودَن جـو،
تہ کنهن کـو جام پياريو آ.

گهڙي هـکڙي رُڳـو گُذري،
نديءَ کـي تـون نـکـاريـو آ.

جڏهن مون موت کي سڏيو،
مـٺـي مُـرکـي جيـاريـو آ.

اياز جي هـر ڳـلـي ڳـوڙها،
رُتـن کـي تـون روئـاريـو آ.

## غزل

آيتن جي رُوپ وانگر تي اچي،
چاهتن جي رُوپ وانگر تي اچي.

جِت ۽ جڏهن پي اڪيلو ٿي ڏٺم،
آڌتن جي رُوپ وانگر ٿي اچي.

سادگي جي بخملي هوءَ ويس ۾،
ساعتن جي رُوپ وانگر ٿي اچي.

دردَ سارا جڻ هوا سان ٿا وڃن،
راحتن جي رُوپ وانگر ٿي اچي.

اڄ اياز آهن بهارون ڪَئين ٽڙيون،
جڻ رُتن جي رُوپ وانگر ٿي اچي.





## غزل

موت جي مام جو پتو ناهي،
سونهن جي سام جو پتو ناهي.

ڪيتريون ئي اُداسِيون آهن،
هن نما شام جو پتو ناهي.

اي خدا! اڄ پُڇون پَيا توکان،
ڇو اجان عام جو پتو ناهي.

رات جو هر پياڪ آ مدهوش،
باک جي جام جو پتو ناهي.

تون ٽڪي تي وِڪيَل وَڪر آهين،
تنهنجي ڪنهن دام جو پتو ناهي.

مون اياز کي گهڻو ولوڙيو آ،
روحَ جي رام جو پتو ناهي.

## غزل

مشعلون ئي مشعلون هي ڏات آ،
چنڊ جون سڀ ڪينچلون هي ڏات آ.

ڏينهن ڪي تون رات سمجين تو پيو،
چا اِهي ئي اٽڪلون هي ڏات آ.

ديس سان مان سڀ وچن تو پاڙيان،
هر قدم تي مُشڪلون هي ڏات آ.

پيچرَن تي پيرَ پل زخمي تين،
هر سفر جون منزلون هي ڏات آ.

هر نماڻي ڪا نظر تي ڏانءُ ڏي،
هر ادا جڻ ازلئون هي ڏات آ.

چو گلا ڪنهن جي ڪيون اچ اي اياز!
ميڪدي ۾ اچ هلون هي ڏات آ.





## غزل

ڪيرُ آ توڪان سوا هِن شهر ۾،
اوچتو هي نيڻ پنا هِن شهر ۾.

پوپٽن وانگر ڳلين ۾ گيت ها،
آ ڪتي جاني وفا هِن شهر ۾.

مُرڪ جا موتي أڏاميل هِن ڪتي،
ڳوڙهن جي آ سخا هِن شهر ۾.

ڪا خبر ناهي گُلابن وٽ وچي،
چو ڪئي نيٽن خطا هِن شهر ۾.

مُنصفن کان اچ پُڇي ڏيو، چو پلا،
ساٿ جي هر هر سزا هِن شهر ۾.

اچ ايازَ جي رُوح ۾ ڪيئن آ لتي،
دردَ ڪائي ڪتا هِن شهر ۾.

## غزل

سادگيءَ جا هُو ستارا ٿا سَڏن،
ڪي ازل جا اڄ اجارا ٿا سَڏن.

روح جي ئي اجنبي ڪنهن ماڳ تي،
پرچمن جهڙا پيارا ٿا سَڏن.

رات جي تاريڪين ڪي هارَ ڏئي،
هو پرهه جا ڪي سهارا ٿا سَڏن.

جام ۾ جي چلڪيا جهومي ڪِري،
ميڪدي جا هو متارا ٿا سَڏن.

مُورگن ڪي ڪا خبر ئي ڪا نه آ،
پُوربي پنڌ جا اشارا ٿا سَڏن.

جهوپڙين جي جهرمٽن جا سانورا،
ڏس اياز ڪي ڪيئن ڏُڪارا ٿا سَڏن.





## غزل

موسمن مان نراس ڇو آهين؟
تون غمن مان نراس ڇو آهين؟

آس جون ڪي ڏياٽيون ڏس تون،
مٺا! جنمن مان نراس ڇو آهين؟

ڇانورَن جا ٿلاوَ هِن ڪيڏا،
تون نمن مان نراس ڇو آهين؟

نفرَتُن ڪي دفن ڪرڻ ڏي اڄ،
پياءُ بمن مان نراس ڇو آهين؟

هي مُسافر پيارَ جي پَنڌ جا،
اڄ خيمن مان نراس ڇو آهين؟

آجپي جون اياز وٺ خوشيون،
هِن چمن مان نراس ڇو آهين؟

## غزل

ڪا خبر ناهي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي،
تو بنا آهي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي.

خواب ڪيئي ٻيڙين تي ها چڙهيل،
ٿاهه ڪي ٿاهي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي.

رُوپ تنهنجو رات پر هو مون ڏٺو،
چنڊ کي چاهي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي.

اڄ زندان جون هي سلاخون شاهد هِن،
ڊوهه سڀ ڊاهي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي.

لال ڳلڙن هو شفق کي اُياريو،
ڳيچ کي ڳائي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي.

آڳ جي مارڳ تي هليو تون آن اياز،
هو چيو ڏاهي ڪيئن گُذري ڪا گهڙي.





## غزل

ڳلين ۾ گُلابن جي خوشبو سَڏي ٿي،
پري ڪان سرابن جي خوشبو سڏي ٿي.

پرينءَ جي نگر ۾ عبادت ڪئي سون،
اسان کي حجابن جي خوشبو سڏي ٿي.

ڏسو ڪوڙ جا ڪاڪ پورا ٿين ٿا،
رُڳو ئي رُبابن جي خوشبو سڏي ٿي.

پلي سايبائن سدائين ستايو،
چنبيلي خوابن جي خوشبو سڏي ٿي.

اوهان وٽ گُناهن بسيرو ڪيو آ،
اسان کي ثوابن جي خوشبو سڏي ٿي.

سوالن جي رڻ ۾ اُداسيون اڪيليون،
اياز کي جوابن جي خوشبو سڏي ٿي.

## غزل

سارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان،
پيارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.

پرت يادُن جا پري تي رُوح ۾،
آر جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.

سنڌ جي خوشبو رَچي تي ساهه ۾،
ڄارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.

دارَ جهڙي ڪا ڪشش مون کي ڇڪي،
يارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.

مان گلابن جي ڪَندَن تي اچ هَلي،
خارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.

آجپي جي هِن حنا جو واس آ،
ڏارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.

اکڙين جا آبشارَ هِن جت ايازَ،
غارَ جي سهڻي ندي ڏي تو وجان.





## غزل

مون غمن کي مات آ ڏيئي ڇڏي،
هڪ پرهه کي لات آ ڏيئي ڇڏي.

نااُميدين جا ڳڙا سڀ پورَ ٿيا،
سات کي ڪا بات آ ڏيئي ڇڏي.

رات جي راڪاس کي گڏ ميٽبو،
ڏيهہَ کي هر ڏات آ ڏيئي ڇڏي.

ديس جي هر هڪ ڳلي ۾ گيت هِن،
سوچ جي سوغات آ ڏيئي ڇڏي.

هڪ لطيف ئي پرجهلو آ وات ۾،
شاهه جي مون ذات آ ڏيئي ڇڏي.

هي اياز سورج جيان اُڀري پيو،
ڪانئرن کي رات آ ڏيئي ڇڏي.

## غزل

منهنجي ساھن ۾ نهارون ڏس اچي،
روح جون ڪي ئي بهارون ڏس اچي.

نقش تنهنجا مون سجايا چنڊ ۾،
آرسي جون تون ميارون ڏس اچي.

راھ ۾ فانوس ڪي ئي ٻاريا،
عشق جون ھي اڄ اُڏارون ڏس اچي.

جَر ڏيئن کان ڪيئين وچڙيون هِي ڊنيون،
ھي پکيُن جون پِي تنوارون ڏس اچي.

مندرَن جي مورتين جاڳي چيو:
اي اياز! تون ھي ڏياريون ڏس اچي.





## غزل

ھن اماس ۾ ديپ ڪيئي ٻاريا،
مون گُلاب تنهنجي وِڳن ۾ هاريا.

جن پيار جي پيچرَن ۾ ڳوليو،
سي پرين سڀ ڳوڙهن سان ساريا.

قيد جي ڪنهن ڪال ڪوٺڙين ۾ متي،
تو بنا سڀ ڏينهڙا مون گهاريا.

مون سدائين عرش تائين پوچيو،
پر انگل تنهنجا لڳن تا ڏاريا.

ديس جي لئہ جي وجن تا ماڳ ڏي،
مون ستارا تن متان هن واريا.

چو دراوڙن کان پَري آن تون اياز!
ڪو اميد جو ڏيئو ناهن آريا.

## غزل

ماٺ جو ساگر اگر ڇُلڪي پوي ٿو،
اکڙين جو ڇڻ تہ در ڇُلڪي پوي ٿو.

يار جي يادُن سهاري ٿو وڏان مان،
سارَ جو ڪوئي ڇمر ڇُلڪي پوي ٿو.

ڪنهن ڏرم جي نفرتن جي سوڳ ۾ هي،
مورتين جو من- مندر ڇُلڪي پوي ٿو.

موت جي هن رهزني جهوري وڌو آ،
بي وسي سان ئي اندر ڇُلڪي پوي ٿو.

هي هوائن جو گُذر آهي ڪَٿن ۾
جو اسان جو پي صبر ڇُلڪي پوي ٿو.

قافلن ڪي ڪا خبر ناهي اياز جي،
پرچمن سان هي پٽر ڇُلڪي پوي ٿو.





## غزل

روشنيءَ جو احساس گهُرجي ٿو،
زندگيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

مان صدين کان پياس جو منگتو،
تشنگيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

ماٺيپي جي مٺاس سان مون کي،
بندگيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

روپ تنهنجو اماس جي ڪوٺي،
دوستيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

تون ستارَن سمان پري ٿي آن،
اجنبيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

آرسيءَ ۾ ڏسين پئي ڇو هر هر،
سادگيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

هر وجود ۾ اياز تون موجود،
آرسيءَ جو احساس گهُرجي ٿو.

## غزل

تون پڙهين نہ پڙهين لکان تو مان،
ڪُنڊ ۾ تون سَڙين لکان تو مان.

چنڊَ کي مون چڪورَ جيان چاهيو،
تون سدائين رڙين لکان تو مان.

باک جي ساک کان ڏجي ڪيڏا،
گهات تون تو گهڙين لکان تو مان.

موت کي مون چُمي اکين تي رَکيو،
واهرو تو تڙين لکان تو مان.

مان جڏهن بہ صليب ڏانهن وڌيم،
تهمتون تو مڙهين لکان تو مان.

روڳ ۾ جو رهي اياز دِل هِيءَ،
جيءَ سان جي جَڙين لکان تو مان.





## غزل

نيٺ مون کي هڪ سُهاني خواب اڄ ساپيا ڏني،
اکڙين کي کنهن بهاني خواب اڄ ساپيا ڏني.

مون کيون آهن ڪلا جي چنڊ سان ڪئِين حُجتون،
چاهتُن کي بس ديواني خواب اڄ ساپيا ڏني.

ريشمي گيتن نکاريو هو اندر جو هر ذرو،
تات کي هڪڙي تراني خواب اڄ ساپيا ڏني.

تنهنجي لبڙن سان لڳا لبڙا تہ مان مُرڪي پيم،
جام جي هڪڙي پئماني خواب اڄ ساپيا ڏني.

رُوح جا سيئي ستارا اوچتو اڄ پيا ٽڙي،
ميڪدي جي آستاني خواب اڄ ساپيا ڏني.

جو اياز تون اڄ وري مورن جيان ايئن تو ٽلين،
يار جي هر شادماني خواب اڄ ساپيا ڏني.

## غزل

هي هوائون اُداس ڇو آهن،
اڄ وفائون اُداس ڇو آهن.

عشق جي آس ۾ نراسائي،
سڀ سزائون اُداس ڇو آهن.

پيارَ ۾ ڪو گُناهہ ڪيو ناهي،
يار! خطائون اُداس ڇو آهن.

واٽ ۾ ڪا اميد نظري نہ ٿي،
پوءِ جفائون اُداس ڇو آهن.

رات ساري زبان تي تون آن،
هي دعائون اُداس ڇو آهن.

هو جڏهن هڪ اياز آهي جهڪيو،
ڪي انائون اُداس ڇو آهن.





## غزل

تون پَکيءَ جي لات جو ڪوئي پڙاڏو آن پرين!
چنڊ اکين جي بات جو ڪوئي پَڙاڏو آن پرين!

تون پرهہ کان دور آ جو پل گُذاريو چنڊ لڳو،
ڪنهن ازل جي رات جو ڪوئي پَڙاڏو آن پرين!

ڪو نہ آيو قياس توکي تو جڏهن هو ماريو،
هُو چون ٿا ڪات جو ڪوئي پَڙاڏو آن پرين!

رهبرَن سان راههَ ۾ تون بيوفائي ڇو ڪئي،
ديس جي هر بات جو ڪوئي پَڙاڏو آن پرين!

تون تہ آن آڪاش جي چنڊ ڪهڪشائن ۾ لڪل،
منهنجي سجيل ڏات جو ڪوئي پَڙاڏو آن پرين!

سنڌ جيجل! جند آهين تون پنهنجي اياز جي،
تون اُتم هر ذات جو ڪوئي پَڙاڏو آن پرين!

## غزل

رُوح ڪُنبي آ ويو منظرَن ڪي ڏِسي،
ديسَ جي آمرَن، جابرَن ڪي ڏِسي.

هر قدم تي هچائون نئين روپ ۾،
نفرتن ڪي سڏيم ڪانئرن ڪي ڏِسي.

ڪيتريون ئي لُٽڻ جون ڏسو حرفتون،
جيءُ پيو آ جهُري منترن ڪي ڏِسي.

آس جي اڄ ڏيئن آ ٻرَڻ ئي ڇڏيو،
بي ضميرَن ڪُتن ڪمترن ڪي ڏِسي.

حوصلن ڪي ستارَن چُميو چاهہَ مان،
هر قدم تي انهن واهرن ڪي ڏِسي.

اڄ اياز هي گهٽائون وَسي هِن پيون،
سنڌ جي جند جي گهٽگهُرن ڪي ڏِسي.





## ريڪائون پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

1. دلين جا داخلي رستا(شاعري) رحمت پيرزادو..........2016
2. اُداسي(شاعري) سنڌو پيرزادو..........2017
3. ساحل مٿان هوائون(شاعري) رحمت پيرزادو..........2019
4. خمارُ تنهنجي اکين جو آهي(شاعري) رحمت پيرزادو..........2020
5. سنڌ جون ادبي سوسائٽيون(تحقيق) مختيار احمد ملاح..........2020
6. روشنيءَ جا پيغمبر(شاعري) ستار پيرزادو..........2020
7. ڪاغذ جون ٻيڙيون(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن..........2020
8. مُڪڙيون ماڪَ ڦُڙا(شاعري) ميرمحمد پيرزادو..........2021
9. ڪوتائن جو ڪاڪ ٽيل(شاعري) جميل سومرو..........2021
10. ٽرندڙ گُلَ(شاعري)فاطمہ حسن.......... 2021
11. نوسيبو(سائنسي فلسفو) رسول ميمڻ..........2020
12. اسين رولاڪ راتين جا(شاعري) وسيم گُل..........2021
13. سيد ظفر حسن(هڪ مثالي شخصيت) مختيار احمد ملاح..........2021